القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله

لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف

وَّالْمُحْصَنٰتُ مِنَ النِّسَآءِ اِلَّا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۚ كِتٰبَ

۽ نڪاح ٻڌل عورتون مگر اهي جن تي مالڪ ٿيا سڄا هٿ اوهان جا لکيو

۽ پرڻيل عورتون (بہ حرام آهن) پر اوهان جا هٿ جن (ٻانهين) جا مالڪ ٿيا آهن (سي حرام نہ آهن)، اهو حڪم

اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۚ وَاُحِلَّ لَكُمْ مَّا وَرَآءَ ذٰلِكُمْ اَنْ تَبْتَغُوْا بِاَمْوَالِكُمْ

الله جو آهي توهان تي، ۽ حلال ٿيون توهان لاءِ جيڪي انهن کان سواءِ آهن جيئن وٺو پنهنجي مَهر سان

الله اوهان تي لکيو آهي، ۽ انهن (حرام ڪيلن) کان سواءِ (ٻيون سڀ عورتون) اوهان لاءِ حلال آهن. جڏهن پنهنجن

مُّحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ ۗ فَمَا اسْتَمْتَعْتُمْ بِهٖ مِنْهُنَّ

شادي ڪندڙ ٿي نہ زنا ڪندڙ، پوءِ اهي جن کان نفعو ورتو توهان انهن مان

مالن سان (ڪين) پرڻيندڙ نہ زنا جو ارادو ڪندڙ هجو، ۽ پوءِ اهو (مال) جنهن جي عيوض انهن (زالن) کان

فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ فَرِيْضَةً ۗ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا تَرٰضَيْتُمْ بِهٖ

تہ ڏيو انهن کي سندن مَهر مقرر، ۽ ناهي گناهہ توهان تي ان ۾ جنهن تي پاڻ ۾ راضي هجو

(پرڻجڻ جو) فائدو ورتو تن کي سندن ڪابين مقرر ڪيل ڏيو، ۽ ڪابين مقرر ڪيل کان پوءِ جيتري (ڪابين) ۾

مِنْۢ بَعْدِ الْفَرِيْضَةِ ۗ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۲۴﴾ وَمَنْ

بعد مقرر مَهر جي، بيشڪ الله آهي ڄاڻندڙ حڪمت وارو. ۽ جيڪو

اوهين پاڻ ۾ راضي ٿيو تہ اوهان تي گناهہ نہ آهي، ڇو تہ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ اوهان

لَّمْ يَسْتَطِعْ مِنْكُمْ طَوْلًا اَنْ يَّنْكِحَ الْمُحْصَنٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ فَمِنْ

نہ ٿو رکي توهان مان طاقت جو نڪاح ڪري پاڪدامن مؤمنياڻين سان تہ پوءِ

مان جيڪو آزاد مومنياڻين جي پرڻجڻ جي سگهہ نہ رکندو هجي سو انهن مان ڪو مومنياڻين ٻانهين مان،

مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ فَتَيٰتِكُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ۗ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِكُمْ ۗ

انهن سان جن کي سنڀاليو توهان جي ساڄي هٿن توهان جون ٻانهيون ايمان واريون، ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو توهان جي ايمان کي،

جن جا مالڪ اوهان (مومنن) مان آهن (ڪا پرڻي تہ عار نہ آهي)، ۽ الله اوهان جي ايمان کي بلڪل ڄاڻندڙ آهي.

بَعْضُكُمْ مِّنْۢ بَعْضٍ ۚ فَانْكِحُوْهُنَّ بِاِذْنِ اَهْلِهِنَّ وَاٰتُوْهُنَّ

توهان مان هڪڙا ٻين مان آهن، پوءِ نڪاح ڪريو انهن سان سندن مالڪن جي موڪل سان ۽ ڏيو انهن کي

اوهان جا هڪڙا ٻين مان (پيدا ٿيل) آهن (يعني پاڻ ۾ هڪ جنس آهيو)، پوءِ ڪين سندن مالڪن جي موڪل سان پرڻجو ۽ سندن ڪابين

اُجُوْرَهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ مُحْصَنٰتٍ غَيْرَ مُسٰفِحٰتٍ وَّلَا مُتَّخِذٰتِ

مهر انهن جا دستور موافق شادي ڪرايل نہ زنا ڪار ۽ نڪي وٺندڙ

عام هليءَ چليءَ وانگر ڪين ڏيو (اهي) نڪاح ٻڌلون نہ زنا ڪندڙيون ۽ نڪي ڳجهين يارن وٺڻ واريون هجن.

أَخْدَانٍ ۚ فَإِذَآ أُحْصِنَّ فَإِنْ أَتَيْنَ بِفَاحِشَةٍ فَعَلَيْهِنَّ

گجها بدڪار، پوءِ جڏهن نڪاح ۾ ٿي ويون پوءِ جيڪڏهن ڪن ڪا بي حيائي تہ انهن تي آهي

پوءِ جڏهن نڪاح ۾ آيون (تنهن ڪان) پوءِ جيڪڏهن (اهي) ڪو بي حيائيءَ جو ڪم ڪن تہ جيڪا سزا

نِصْفُ مَا عَلَى الْمُحْصَنٰتِ مِنَ الْعَذَابِ ۚ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ

اڌ ان جو جيڪا آزاد پاڪ دامن تي آهي سزا، اهو حڪم انهيءَ لاءِ آهي جيڪو ڊڄي

آزاد عورتن تي آهي تنهن جو اڌ مٿن آهي، (اها ٻانهيءَ پرڻجڻ جي اجازت) اوهان مان انهيءَ لاءِ آهي جيڪو

الْعَنَتَ مِنْكُمْ ۚ وَأَنْ تَصْبِرُوا خَيْرٌ لَّكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ٢٥ ع ٤

گناه ڪرڻ ڪان اوهان مان، ۽ صبر ڪرڻ توهان جو بهتر آهي توهان لاءِ، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

زنا (جي گناه ۾ پوڻ) ڪان ڊڄي، ۽ اوهان جو صبر ڪرڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

يُرِيدُ اللّٰهُ لِيُبَيِّنَ لَكُمْ وَيَهْدِيَكُمْ سُنَنَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ

گهري ٿو الله تہ ٻڌائي توهان کي ۽ هلائي توهان کي رستن انهن جي تي جيڪي توهان ڪان اڳ هئا

الله گهرندو آهي تہ اوهان لاءِ کولي بيان ڪري ۽ جيڪي اوهان ڪان اڳ (گذريا) آهن تن جو رستو اوهان کي ڏيکاري

وَيَتُوبَ عَلَيْكُمْ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ٢٦ وَاللّٰهُ يُرِيدُ أَنْ يَتُوبَ

۽ معاف ڪري توهان کي، ۽ الله علم وارو حڪمت وارو آهي. ۽ الله گهري ٿو تہ رحم ڪري

۽ اوهان تي ٻاجهہ سان موٽي، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ الله اوهان تي ٻاجهہ سان موٽڻ گهرندو آهي.

عَلَيْكُمْ قف وَيُرِيدُ الَّذِينَ يَتَّبِعُونَ الشَّهَوٰتِ أَنْ تَمِيلُوا

توهان تي ۽ چاهن ٿا اهي جيڪي ڪڍ لڳن ٿا مزن جي تہ توهان لڙي وڃو

۽ جيڪي پنهنجين سڌن جي پٺيان لڳندا آهن سي اوهان جو (سڌيءَ واٽ ڪان) تمام ڀري

مَيْلًا عَظِيمًا ٢٧ يُرِيدُ اللّٰهُ أَنْ يُّخَفِّفَ عَنْكُمْ ۚ وَخُلِقَ الْإِنْسَانُ

گهڻو ڀري، چاهي ٿو الله تہ هلڪو ڪري بار توهان ڪان، ۽ پيدا ڪيو ويو آهي ماڻهو

لڙي وڃڻ گهرندا آهن. الله اوهان تان (بار) هلڪو ڪرڻ گهرندو آهي، ۽ انسان (اصل) هيڻو پيدا

ضَعِيفًا ٢٨ يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَأْكُلُوٓا أَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ

ڪمزور ڪري، اي ايمان وارؤ! نہ کائو مال پنهنجا پاڻ ۾

ڪيو ويو آهي. اي ايمان وارؤ اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائو

بِالْبَاطِلِ إِلَّآ أَنْ تَكُونَ تِجَارَةً عَنْ تَرَاضٍ مِّنْكُمْ قف وَ

ناحق مگر جو هجي واپار رضامندي توهان جي سان، ۽

پر پاڻ ۾ رضامنديءَ سان واپار جي ڏيتي ليتي هجي تہ (ڀلي کائو). ۽

لَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٢٩﴾ وَمَنْ يَّفْعَلْ
نہ ځون ڪريو پاڻ ۾، بيشڪ الله آهي توهان تي رحم ڪندڙ. ۽ جيڪو ڪندو
اوهان پاڻ کي هلاڪ نہ ڪريو، بيشڪ الله اوهان تي مهربان آهي. ۽جيڪو حد کان ٻاهر

ذٰلِكَ عُدْوَانًا وَّظُلْمًا فَسَوْفَ نُصْلِيْهِ نَارًا ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ
اهو ڪم سرڪشي ۽ ظلم سان پوءِ جلد اسان وجهنداسون ان کي باهہ ۾، ۽ آهي اهو ڪم
نڪرڻ ۽ ظلم سان ائين ڪندو تنهن کي باہ ۾ سگهو وجهنداسين، ۽ اهو (ڪم) الله تي سهنجو آهي.

عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾ اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ
الله تي آسان آهي. جيڪڏهن بچندؤ وڏن گناهن کان انهن مان جي منع ڪيل اٿو تہ معاف ڪنداسون
جيڪڏهن وڏن گناهن کان جن کان اوهان کي جهليو ويو پاسو ڪندا رهندؤ تہ اوهان جون (هلڪيون) مدايون

عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ وَلَا تَتَمَنَّوْا
توهان جا ننڍا گناهہ ۽ داخل ڪنداسون توهان کي جڳهہ عزت واري ۾ ۽ نہ سڌ ڪريو
اوهان کان ميٽينداسين ۽اوهان کي عزت واريءَ جاءِ ۾ داخل ڪنداسين. ۽ جن شين سان

مَا فَضَّلَ اللّٰهُ بِهٖ بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۭ لِلرِّجَالِ نَصِيْبٌ
ان جي وڌايو الله جنهن سان توهان مان هڪڙن کي ٻين تي، مردن لاءِ ڀاڱو آهي
الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان فضيلت ڏني آهي تن جي ريس نہ ڪريو. مردن لاءِ جيترو (پاڻ) ڪمايائون

مِّمَّا اكْتَسَبُوْا ۭ وَلِلنِّسَآءِ نَصِيْبٌ مِّمَّا اكْتَسَبْنَ ۭ وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ
ان مان جيڪي ڪمايائون، ۽ عورتن لاءِ حصو آهي ان مان جيڪي ڪمايائون ۽ گهرو الله کان
تنهن مان حصو آهي، ۽زائفن لاءِ جيترو (پاڻ) ڪمايائون تنهن مان حصو آهي، ۽ الله کان سندس فضل گهرو

مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٣٢﴾ وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا
فضل ان جو، بيشڪ الله آهي هر شيءِ کي ڄاڻندڙ. ۽ هر هڪ لاءِ اسان ڪيا آهن
جو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي، ۽ ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جيڪي (مال) ڇڏيو

مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدٰنِ وَالْاَقْرَبُوْنَ ۭ وَالَّذِيْنَ عَقَدَتْ اَيْمَانُكُمْ
وارث ان ۾ جو ڇڏيو پيءُ ماءُ ۽ مائٽن، ۽ اهي جن کي ڳنڍيو توهان جي قسمن
تنهن (سڀ) لاءِ وارث مقرر ڪياسون، ۽ جن کي (مائٽيءَ جهڙي ناتي ۾) اوهان جي قسمن

فَاٰتُوْهُمْ نَصِيْبَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا ﴿٣٣﴾ ع ٥ ٨ ٢
پوءِ ڏيو انهن کي سندن حصو، بيشڪ الله آهي هر شيءِ تي حاضر.
ٻڌو آهي تن کي سندن حصو ڏيو. بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي واقف آهي.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ بِمَا فَضَّلَ اللّٰهُ بَعْضَهُمْ

مرد حاڪم آهن زالن تي هن ڪري جو ڀلو ڪيو الله هڪڙن ڪي

مرد زائفن تي انهيءَ سببان حڪمران آهن جو الله انهن مان هڪڙن کي ٻين ڪان ڀلو ڪيو آهي

عَلٰى بَعْضٍ وَّبِمَآ اَنْفَقُوْا مِنْ اَمْوَالِهِمْ ؕ فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ حٰفِظٰتٌ

ٻين تي ۽ هن لاءِ تہ انهن خرچ ڪيا آهن مال پنهنجا، پوءِ ڀليون عورتون تابعداري ڪندڙ آهن نگهباني ڪندڙ

۽ (ٻيو) هن سببان جو پنهنجن مالن مان خرچ ڪندا آهن، پوءِ ڀلاريون، فرمانبردارٽيون، پريٺ نگاهہ رکڻ واريون

لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ ؕ وَالّٰتِىْ تَخَافُوْنَ نُشُوْزَهُنَّ فَعِظُوْهُنَّ

پر پٺ، جنهن سان نگهباني ڪئي الله، ۽ اهي زالون ڏجو ٿا جن جي بداخلاقي کان پوءِ نصيحت ڪريو انهن کي

انهيءَ ڪري جو الله (ڪين) ڍڪيو آهي (ڀلاريون آهن)، ۽ جن (زالن) جي بي فرماني معلوم ڪريو تن کي (زباني) نصيحت ڪريو

وَاهْجُرُوْهُنَّ فِى الْمَضَاجِعِ وَاضْرِبُوْهُنَّ ۚ فَاِنْ اَطَعْنَكُمْ فَلَا تَبْغُوْا

۽ جدا ڪريو انهن کي بسترن ۾ ۽ مار ڪيوڻ، پوءِ جيڪڏهن چيو وٺن توهان جو تہ نہ ڳوليو

۽ بسترن ۾ ڪين ڏار ڪريو ۽ مار ڏيوڻ، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي فرمانبرداري ڪن تہ مٿن ڪا (ايذاءَ جي)

عَلَيْهِنَّ سَبِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيًّا كَبِيْرًا ۝۳۴ وَاِنْ خِفْتُمْ شِقَاقَ

انهن تي ڪو الزام، بيشڪ الله آهي تمام مٿاهون زورو ڏو. ۽ جيڪڏهن ڏجو ٿا اختلاف ڪان

واٽ نہ ڳوليو. بيشڪ الله مٿاهون وڏي وڏائي وارو آهي. ۽ جيڪڏهن سندن وچ ۾ ڦيٽي جو ڊپ (محسوس) ڪريو

بَيْنِهِمَا فَابْعَثُوْا حَكَمًا مِّنْ اَهْلِهٖ وَحَكَمًا مِّنْ اَهْلِهَا ۚ اِنْ

ٻنهي جي وچ ۾ تہ واريو هڪ امين مرد جي گهروارن ڪان ۽ ٻيو امين عورت جي گهراڻي ڪان، جيڪڏهن

تہ هن جي گهراڻي مان هڪ امين ۽ هُن جي گهراڻي مان (بہ) هڪ امين مقرر ڪريو، جيڪڏهن

يُّرِيْدَآ اِصْلَاحًا يُّوَفِّقِ اللّٰهُ بَيْنَهُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا خَبِيْرًا ۝۳۵

اهي ٻئي نيت ڪندا سڌاري جي تہ سُڌارو آڻيندو الله انهن جي وچ ۾. بيشڪ الله آهي علم وارو خبر رکندڙ.

ٻئي (امين) صلح ڪرائڻ گهرندا تہ الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏيندو، ڇو تہ الله ڄاڻندڙ خبر رکندڙ آهي.

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا

۽ عبادت ڪريو الله جي ۽ نہ شريڪ ڪريو انهيءَ سان ڪنهين کي ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو

۽ (خاص) الله جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪريو. ۽ ماءُ پيءُ سان

وَّبِذِى الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْجَارِ ذِى الْقُرْبٰى

۽ مائٽن سان ۽ ڇورن ٻارن ۽ غريبن ۽ پاڙيسري مائٽ

۽ مٽيءَ وارن سان ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مٽيءَ واري پاڙيچي

وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَمَا مَلَكَتْ

۽ پاڙيسري ڌارئي ۽ ساٿي گڏ رهندڙ ۽ راهه مسافر سان ۽ اهي جن جا

۽ ڌاريي پاڙيچي ۽ ويجهي سنگتي ۽ مسافر ۽ پنهنجن ٻانهن سان چڱائي ڪريو،

اَيْمَانُكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ۙ﴿٣٦﴾ الَّذِيْنَ

اوهين مالڪ ٿيا آهيو، بيشڪ الله نہ ٿو پسند ڪري ان کي جو آڪڙ ڪري، وڏائي ڪري. اهي جيڪي

جو تہ جيڪو هٺيلو وڏائي ڪندڙ هجي تنهن کي الله دوست نہ رکندو آهي .(۽ نڪي انهن کي) جيڪي

يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ وَيَكْتُمُوْنَ مَاۤ اٰتٰىهُمُ

ڪنجوسي ڪن ٿا ۽ سيڪارن ٿا ماڻهن کي ڪنجوسي ۽ لڪائن ٿا اهو جو ڏنو آهي انهن کي

(پاڻ) ڪنجوسي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي (بہ) ڪنجوسي ڪرڻ جو حڪم ڪندا آهن ۽ الله پنهنجي فضل سان کين

اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ۚ﴿٣٧﴾

الله پنهنجي مهرباني سان، ۽ تيار ڪيو سون ڪافرن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ.

جيڪي ڏنو آهي، سو لڪائيندا آهن، ۽ (اهڙن) نہ مڃيندڙن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿون.

وَالَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ رِئَآءَ النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُوْنَ

۽ انهن لاءِ بہ جيڪي خرچ ڪن ٿا پنهنجي ملڪيت ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ۽ نہ ٿا ايمان آڻن

۽ (انهن لاءِ بہ) جيڪي پنهنجن مالن کي ماڻهن جي ڏيکاريءَ لاءِ خرچ ڪندا آهن، ۽ نڪي الله

بِاللّٰهِ وَلَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَمَنْ يَّكُنِ الشَّيْطٰنُ لَهٗ قَرِيْنًا

الله تي ۽ نڪي ڏينهن پوئين تي، ۽ اهو جنهن جو شيطان سنگتي آهي

۽ نڪي قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن، ۽ جنهن جو سنگتي شيطان ٿيو تہ اهو سنگتي بڇڙو آهي!.

فَسَآءَ قَرِيْنًا ﴿٣٨﴾ وَمَاذَا عَلَيْهِمْ لَوْ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ

پوءِ اهو بڇڙو سنگتي آهي. ۽ انهن جو ڪهڙو نقصان ٿئي ها جيڪڏهن ايمان آڻن ها الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي

۽ مٿن ڪهڙي (ڏکيائي) هئي؟ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين ها ۽ الله جيڪي

وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِهِمْ عَلِيْمًا ﴿٣٩﴾ اِنَّ اللّٰهَ

۽ خرچ ڪن ها انهيءَ مان جو ڏنو آهي انهن کي الله، ۽ آهي الله انهن جي خبر رکندڙ. بيشڪ الله

کين ڏنو آهي ان مان خرچين ها! ۽ الله انهن (جي حال) کي (چڱو) ڄاڻندڙ آهي. پڪ الله

لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ ۚ وَاِنْ تَكُ حَسَنَةً يُّضٰعِفْهَا وَيُؤْتِ

نہ ٿو ظلم ڪري ذري جيترو، ۽ جيڪڏهن آهي ڪا نيڪي تہ ٻيڻو ڪري ٿو ان کي ۽ ڏئي ٿو

ذري جيترو بہ ظلم نہ ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن (ڪا) نيڪي هوندي تہ ان کي ٻيڻو ڪندو آهي ۽ پاڻ وٽان

مِنْ لَّدُنْهُ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۴۰﴾ فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍۭ

پاڻ وٽان ثواب وڏو. پوءِ ڇا حال ٿيندو جڏهن آڻينداسون هر امت مان

وڏو اجر ڏيندو آهي. پوءِ (تڏهن) ڪيئن (ڪندا)؟ جڏهن سڀ ڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد آڻينداسون

بِشَهِيْدٍ وَّجِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا ﴿۴۱﴾ يَوْمَئِذٍ يَّوَدُّ الَّذِيْنَ

شاهد ۽ آڻينداسون توکي انهن مٿان شاهد ڪري. تنهن ڏينهن چاهيندا جن

۽ (اي پيغمبر!) توکي (به) هن ٽوليءَ تي شاهد ڪري آڻينداسون. انهيءَ ڏينهن ڪافر ۽ جن پيغمبر جو چيو نه مڃيو

كَفَرُوْا وَعَصَوُا الرَّسُوْلَ لَوْ تُسَوّٰى بِهِمُ الْاَرْضُ ؕ وَلَا يَكْتُمُوْنَ

ڪفر ڪيو ۽ بي فرماني ڪئي رسول جي ته جيڪر سڌي ڪئي وڃي مٿن زمين، ۽ نه لڪائيندا

سي گهرندا ته جيڪر مٿن زمين سنئين ڪئي وڃي! ۽ الله کان ڪائي ڳالهه لڪائي نه سگهندا.

اللّٰهَ حَدِيْثًا ﴿۴۲﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقْرَبُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْتُمْ

الله کان ڪائي ڳالهه. اي ايمان وارؤ! نه ويجها ٿيو نماز کي جڏهن اوهين

اي ايمان وارؤ! اوهان نشي جي حالت ۾ ايستائين نماز کي ويجها نه وڃو

سُكٰرٰى حَتّٰى تَعْلَمُوْا مَا تَقُوْلُوْنَ وَلَا جُنُبًا اِلَّا عَابِرِيْ سَبِيْلٍ

آهيو نشي وارا جيستائين ڄاڻو ته ڇا ٿا چئو، ۽ نڪي تڙسان مگر گذرندڙ رستي جا

جيستائين جيڪي ڳالهايو ٿا سو سمجهو ۽ نڪي مسافرن کان سواءِ (مقيم) تڙ وارو (نماز پڙهي)

حَتّٰى تَغْتَسِلُوْا ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ

جيستائين وهنجو، ۽ جيڪڏهن آهيو بيمار يا مسافريءَ تي يا آيو ڪوهڪڙو

جيسين تڙ ڪريو، ۽ جيڪڏهن اوهين بيمار هجو يا مسافريءَ تي هجو يا اوهان مان ڪوئي

مِّنْكُمْ مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً

توهان مان پائخانه کان يا ميلاپ ڪيو اٿوَ عورتن سان پوءِ نه ٿا لهو پاڻي

پاخاني کان اچي يا زالن کي ويجها ويا هجو ۽ پاڻي نه لهو ته پاڪ مٽيءَ سان

فَتَيَمَّمُوْا صَعِيْدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوْا بِوُجُوْهِكُمْ وَاَيْدِيْكُمْ ؕ اِنَّ

ته تيمم ڪريو مٽيءَ پاڪ سان پوءِ مک ڪريو پنهنجن مُنهن کي ۽ هٿن کي، بيشڪ

تيمم ڪريو پوءِ پنهنجن منهن ۽ پنهنجن هٿن کي مک ڪريو، بيشڪ الله معافي ڏيندڙ

اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿۴۳﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا

الله معاف ڪندڙ بخشيندڙ آهي، ڇا نه ڏٺو تو انهن ڏانهن جن کي مليو ڀاڱو

بخشڻهار آهي. (اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان حصو ڏنو

مِنَ الْكِتٰبِ يَشْتَرُوْنَ الضَّلٰلَةَ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ تَضِلُّوا

ڪتاب مان خريد ڪن ٿا گمراهي کي ۽ چاهين ٿا ته اوهين ٿڙي وڃو

ويو · آهي، اهي گمراهي ڳنهندا آهن ۽ اوهان جو واٽ کان ڀلڻ (بہ) گهرندا آهن.

السَّبِيْلَ ﴿٤٤﴾ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِاَعْدَآئِكُمْ ۗ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ۙ

رستي کان. ۽ الله گهڻو ڄاڻندڙ آهي توهان جي دشمنن کي ۽ ڪافي آهي الله ڪارساز

۽ الله اوهان جي ويرين کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ الله (سيني ڪمن جو) ڪارساز بس آهي ۽

وَّكَفٰى بِاللّٰهِ نَصِيْرًا ﴿٤٥﴾ مِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ

۽ ڪافي آهي الله مددگار. انهن مان جيڪي يهودي آهن ڦيرائين ٿا لفظن کي

الله مددگار بس آهي. يهودين مان ڪي (توريت ۾) لفظن کي سندين جاين کان ڦيرائيندا آهن

عَنْ مَّوَاضِعِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ سَمِعْنَا وَعَصَيْنَا وَاسْمَعْ غَيْرَ

پنهنجي جاين مان ۽ چون ٿا ٻڌوسون ۽ نه مڃيوسون ۽ (چون ٿا) ٻڌ شال نه

۽ چوندا آهن ته ٻڌوسون ۽ نه مڃيوسون، ٻڌ شال نه ٻڌايل هجين، ۽ پنهنجين زبانون وڄرائي

مُسْمَعٍ وَّرَاعِنَا لَيًّا بِاَلْسِنَتِهِمْ وَطَعْنًا فِي الدِّيْنِ ۗ وَلَوْ

ٻڌايل هجين ۽ (چون ٿا) راعنا موڙيندي زبانن پنهنجن کي ۽ جرح ڪندي دين ۾ ۽ جيڪڏهن

۽ دين ۾ طعني هڻڻ لاءِ راعنا چوندا آهن، ۽ جيڪڏهن (سمعنا و عصينا جي بجاءِ) سمعنا واطعنا (يعني ٻڌوسون ۽ فرمانبرداري

اَنَّهُمْ قَالُوْا سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا وَاسْمَعْ وَانْظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا

اهي چون ها ٻڌوسون ۽ مڃيوسون ۽ تون ٻڌ ۽ نظر ڪر اسان تي ته هجي ها ڀلو

ڪئي سون) ۽ (اسمع غير مسمع جي هنڌ) اسمع (يعني ٻڌ) ۽ (راعنا لفظ جي بجاءِ لفظ) انظرنا (يعني اسان جو خيال رک) چون ها

لَّهُمْ وَاَقْوَمَ ۙ وَلٰكِنْ لَّعَنَهُمُ اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ

انهن لاءِ ۽ دُرست پر ٿڙي ڇڏيو انهن کي الله سندن ڪفر جي ڪري پوءِ نه ايمان آڻيندا

ته انهن لاءِ ڀلو ۽ ڏاڍو درست هجي ها! پر الله سندن ڪفر سببان مٿن لعنت ڪئي آهي، پوءِ ٿورڙن کان سواءِ

اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٤٦﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اٰمِنُوْا بِمَا نَزَّلْنَا مُصَدِّقًا

مگر ٿورڙا. اي اُهي جن کي ڏنو ويو ڪتاب ايمان آڻيو ان تي جنهن کي نازل ڪيوسون تصديق ڪندڙ

(ٻيا) ايمان نٿا آڻين. اي ڪتاب وارو! جيڪو (قرآن) لاٿوسون جيڪي اوهان وٽ آهي تنهن جو (اُهو)

لِّمَا مَعَكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّطْمِسَ وُجُوْهًا فَنَرُدَّهَا عَلٰۤى اَدْبَارِهَآ

ان کي جيڪو توهان وٽ آهي اڳي ان کان جو ميٽايون ڪيترا منهن پوءِ ڦيرايون انهن کي پٺين ڏانهن

سچو ڪندڙ (بہ) آهي تنهن کي انهيءَ کان اڳ مڃيو جو (ماڻهن جي) منهن (جي شڪل) مٽايون پوءِ انهن کي سندين پٺين پوئتان ڪريون

اَوْ نَلْعَنَهُمْ كَمَا لَعَنَّآ اَصْحٰبَ السَّبْتِ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿۴۷﴾

۽ ڦٽڪار ڪريون انهن تي جئن ڦٽڪار ڪئي سون ڇنڇر وارن تي، ۽ آهي حڪم الله جو پورو ٿيل.

يا مٿن اهڙي لعنت ڪريون جهڙي ڇنڇر وارن تي لعنت ڪئي سون ۽ الله جو (جيڪو) حڪم (جاري ٿيندو آهي) سو ٿي چڪندو آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ

بيشڪ الله نه ٿو بخشي جو شريڪ ڪجي انهيءَ سان ۽ بخشي ٿو سواءِ شرڪ جي جنهن کي

بيشڪ الله هيءُ (ڏوهه) نه بخشيندو جو (ڪنهن کي به) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (ٻيا ڏوهه) جنهن کي وڻيس

يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿۴۸﴾ اَلَمْ

گهري، ۽ جيڪو شريڪ ڪندو الله سان پوءِ انهيءَ گهڙيو گناهه وڏو. ڇا نه

تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي) شريڪ بڻائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناهه سان بهتان ٻڌو.

تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُزَكُّوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ وَ

ڏٺو تو انهن ڏانهن جيڪي پاڪ ڪن ٿا پاڻ کي پر الله پاڪ ڪري ٿو جنهن کي چاهي ۽

(اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي پاڻ کي پاڪ پاڪ چوندا آهن، (نه!) بلڪ الله جنهن کي گهرندو آهي

لَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿۴۹﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ

نه ظلم ڪيا ويندا تند جيترو. ڏس ڪيئن ٿا گهڙين الله تي ڪوڙ،

تنهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ تند جيترو به ظلم نه ڪبن. (اي پيغمبر!) ڏس ته الله تي ڪيئن ڪوڙ ٺاهيندا آهن؟

وَكَفٰى بِهٖٓ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۰﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا ع ۷

۽ ڪافي آهي اهو گناهه پڌرو. ڇا نه ڏٺو تو انهن ڏانهن جنکي مليو نصيب

۽ اهو پڌرو گناهه بس آهي. (اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان ڀاڱو ڏنو ويو

مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَالطَّاغُوْتِ وَيَقُوْلُوْنَ

ڪتاب مان مڃين ٿا بتن کي ۽ شيطان کي ۽ چون ٿا

ته اهي بتن ۽ طاغوت کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن ته هيءَ ٽولي

لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰٓؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۱﴾ اُولٰٓئِكَ

ڪافرن لاءِ ته اهي وڌيڪ سڌا آهن مسلمانن کان رستي تي. اُهي ئي آهن

مومنن کان وڌيڪ سنئين واٽ واري آهي، اهي (اهي) آهن جن تي الله

الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَمَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۲﴾ ط

جن کي ڌتڪاريو الله، ۽ جنهن کي ڌتڪاريندو الله پوءِ هرگز نه لهندين انهيءَ لاءِ ڪوئي مددگار.

لعنت ڪئي آهي، ۽ جنهن تي الله لعنت ڪندو تنهن جو ڪو مددگار نه لهندين.

اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ۙ ﴿۵۳﴾

يا آهي انهن جو كو ڀاڱو بادشاهيءَ مان؟ پوءِ تہ اهي نہ ڏيندا ماڻهن كي ذري بہ.

انهن كي بادشاهيءَ مان كو ڀاڱو آهي ڇا؟ ۽ (كين كٿي هجي بہ تہ) ان مهل ماڻهن كي تر جيترو (بہ) نہ ڏين.

اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ

يا ساڙ كن ٿا ماڻهن سان ان تي جيكي ڏنو آهي انهن كي الله پنهنجي مهرباني سان پوءِ

بلك ماڻهن سان انهيءَ تي حسد كندا آهن، جيكي الله پنهنجي فضل سان كين ڏنو آهي، پوءِ

اٰتَيْنَآ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاٰتَيْنٰهُمْ مُّلْكًا عَظِيْمًا ﴿۵۴﴾

اسان ڏنو سون ابراهيم جي خاندان كي كتاب ۽ دانائي ۽ ڏني سون انهن كي بادشاهي وڏي.

بيشك ابراهيم جي اولاد كي كتاب ۽ دانائي ڏني سون ۽ كين وڏي بادشاهي ڏني سون.

فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ بِهٖ وَمِنْهُمْ مَّنْ صَدَّ عَنْهُ ؕ وَكَفٰى بِجَهَنَّمَ

پوءِ انهن مان كنهن مڃيو ان كي ۽ انهن مان كو رڪجي پيو ان كان، ۽ كافي آهي دوزخ

پوءِ منجهانئن كي آهن جن اُن (كتاب) كي مڃيو ۽ منجهانئن كي آهن جي كانئس اَٽكي (رڪجي) رهيا،

سَعِيْرًا ﴿۵۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ كُلَّمَا

ساڙيندڙ. بيشك جن كفر كيو اسان جي آيتن جو جلد داخل كنداسون انهن كي باهہ ۾، جڏهن

۽ انهن لاءِ ٻرندڙ دوزخ كافي آهي. پڪ جن اسان جي آيتن كي نہ مڃيو تن كي باهہ ۾ سگهو گهيڙينداسون، جڏهن بہ

نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ ؕ

پچي ويندڀون كلون انهن جون مٽائي ڏينداسون انهن كي كلون ٻيون جيئن چكن عذاب،

سندن كلون پُڄنديون (تڏهن) سندين ٻيون كلون هن لاءِ (پيا) مٽائينداسون تہ (ڀلي) عذاب (جو مزو) چكن،

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿۵۶﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

الربع

بيشك الله آهي زبردست حكمت وارو. ۽ جن ايمان آندو ۽ كم كيا چڱا

يقينن الله غالب حكمت وارو آهي، ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا كم كيا تن كي (انهن) باغن ۾

سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ

جلد داخل كنداسون انهن كي باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون رهندا ان ۾

سگهو داخل كنداسون جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن۔ مَنجهن سدائين رهڻ وارا آهن.

اَبَدًا ؕ لَهُمْ فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۫ وَّنُدْخِلُهُمْ ظِلًّا ظَلِيْلًا ﴿۵۷﴾

سدائين، انهن لاءِ اتي زالون پاڪ آهن ۽ داخل كنداسون انهن كي ڇانئن گهاٽين ۾.

انهن لاءِ مَنجهن پاڪ زالون آهن ۽ كين گهاٽن ڇانون ۾ داخل كنداسون.

إِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُكُمْ أَنْ تُؤَدُّوا الْأَمٰنٰتِ إِلٰٓى أَهْلِهَا ۙ وَإِذَا حَكَمْتُمْ

يقينن الله حڪم ٿو ڪري توهان کي ته ڏيو امانتون مالڪن کي ۽ جڏهن فيصلو ڪريو

بيشڪ الله اوهان کي حڪم ٿو ڪري ته امانتون سندن مالڪن کي پهچائي ڏيو ۽ جڏهن

بَيْنَ النَّاسِ أَنْ تَحْكُمُوْا بِالْعَدْلِ ۭ إِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا يَعِظُكُمْ بِهٖ ۭ

ماڻهن جي وچ ۾ ته فيصلو ڪريو انصاف سان، بيشڪ الله واهه جي نصيحت ٿو ڏئي توهان کي!

ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪريو (تڏهن) انصاف سان حڪم ڪريو، بيشڪ الله اوهان کي جيڪا

إِنَّ اللّٰهَ كَانَ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿٥٨﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا أَطِيْعُوا اللّٰهَ

بيشڪ الله آهي ٻڌندڙ ڏسندڙ. اي ايمان وارؤ! حڪم مڃيو الله جو

نصيحت ڪري ٿو سا چڱي آهي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. اي ايمان وارؤ! الله جي فرمانبرداري ڪريو

وَأَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ ۚ فَإِنْ تَنٰزَعْتُمْ فِيْ

۽ حڪم مڃيو رسول جو ۽ امر وارن پنهنجن جو پوءِ جيڪڏهن اختلاف ڪريو ڪنهن

۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حاڪم هجي تنهن جي (بہ)، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت

شَيْءٍ فَرُدُّوْهُ إِلَى اللّٰهِ وَالرَّسُوْلِ إِنْ كُنْتُمْ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ

ڳالهه ۾ ته موٽايو ان کي الله ۽ رسول ڏانهن جيڪڏهن اوهين ايمان رکو ٿا الله تي

جهڳڙو ڪريو ته جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو ته ان کي الله ۽ پيغمبر (جي حڪم) ڏانهن

وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّأَحْسَنُ تَأْوِيْلًا ﴿٥٩﴾ ۧ أَلَمْ تَرَ ع ٩ ٥

۽ ڏينهن قيامت تي، اهو زور ڀلو آهي ۽ زور سٺو آهي نتيجي ۾. ڇا نہ ڏٺو تو

رجوع ڪريو، اهو ڀلو ۽ نتيجي جي ڪري ڏاڍو چڱو آهي. (اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿئي ڇا؟

إِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ أَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ أُنْزِلَ إِلَيْكَ وَمَآ أُنْزِلَ مِنْ

انهن ڏانهن جيڪي چون ٿا ته انهن ايمان آندو ان تي جيڪي لاٿو ويو تو تي ۽ جيڪي لاٿو ويو توکان

جيڪي ڀائيندا آهن ته جيڪي تو ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ لاٿو ويو تنهن کي پاڻ مڃيو اٿن.

قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ أَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا إِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ أُمِرُوْٓا

اڳي اهي گهرن ٿا ته فيصلو نيڻ ٻي فرمان ڏانهن حالانڪ حڪم ڏيو اٿن

اهي هن هوندي بہ، طاغوت (يعني غير خدا) ڏانهن (مقدمو نيئي) فيصلو ڪرائڻ گهرندا آهن،

أَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ۭ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ أَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًا ۢ بَعِيْدًا ﴿٦٠﴾

ته نہ مڃين ان کي، ۽ چاهي ٿو شيطان ته ڪري انهن کي گمراهه گهڻو.

حالانڪ ان جي نہ مڃڻ جو حڪم ڪيو ويو اٿن، ۽ شيطان کين وڏي ڀل ۾ ڀلائڻ گهرندو آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا اِلٰى مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ وَاِلَى الرَّسُوْلِ رَاَيْتَ

۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي اچو ان ڏانهن جيڪي نازل ڪيو الله، ۽ رسول ڏانهن ته ڏسندين تون

۽ جڏهن کين چئجي ته جيڪي الله لاٿو تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو ته منافقن کي ڏٺئي ته

الْمُنٰفِقِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْكَ صُدُوْدًا ﴿٦١﴾ فَكَيْفَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ

منافقن کي ته رڪجي ويندا توکان پورو رڪجڻ. پوءِ ڪيئن ٿيندو جڏهن پهچندي انهن کي

توکان پوريءَ طرح جهلجي ويندا آهن. پوءِ (تڏهن) ڪيئن (ڪندا)؟ جڏهن کين ڪا تڪليف

مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ثُمَّ جَآءُوْكَ يَحْلِفُوْنَ ۖ بِاللّٰهِ

مصيبت سبب سندن ڪئي پوءِ تووٽ اچي قسمَ کڻندا الله جا

انهيءَ سببان پهچندي جو سندن هٿن اڳي موڪليو آهي پوءِ وري تو وٽ اچي الله جو قسم کڻندا ته

اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّآ اِحْسَانًا وَّتَوْفِيْقًا ﴿٦٢﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَعْلَمُ اللّٰهُ مَا

ته رڳو اسان ارادو ڪيو هو ڀلائي جو ۽ ٺهراءُ جو. اِهي اُهي ئي آهن جو ڄاڻي ٿو الله جيڪي

اسان جو چڱائي ۽ ٺهراءُ کان سواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هو. اِهي (اُهي) آهن جن جي دلين ۾ جيڪي (ڪفر ۽

فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۗ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَعِظْهُمْ وَقُلْ لَّهُمْ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ

انهن جي دلين ۾ آهي سو تون درگذر ڪر انهن کان ۽ نصيحت ڪر انهن کي ۽ چؤ انهن کي سندن حق ۾

نفاق) آهي سو الله ڄاڻندو آهي (جو وقت تي سزا لوڙيندا) پوءِ ڪانئن منهن موڙ ۽ کين نصيحت ڪر ۽ کين

قَوْلًۢا بَلِيْغًا ﴿٦٣﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ

ڳالهه تمام پوري. ۽ نه موڪليوسون ڪوئي رسول مگر جيئن ته ان جي پيروي ڪجي الله جي حُڪم سان.

سندين دلين ۾ پهچندڙ ڳالهه چئو. ڪوئي پيغمبر نه موڪليوسون پر هن لاءِ ته الله جي حڪم سان سندس تابعداري

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ

۽ جيڪر اهي، جڏهن ظلم ڪيائون پاڻ تي، اچن ها تو وٽ پوءِ معافي گهُرن ها الله کان

ڪئي وڃي، ۽ جڏهن انهن (ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها

وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾ فَلَا

۽ معافي گهري ها انهن لاءِ رسول ته لهن ها الله کي معاف ڪندڙ مهربان. پوءِ قسم آهي

۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري ها ته الله کي ٻاجهه سان موٽندڙ مهربان لهن ها، پوءِ تنهنجي پالڻهار جو

وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ

تنهنجي رب جو اهي ايمان وارا نه ٿيندا تان جو فيصلو ڪرائن توکان جنهن ۾ اٽڪي پوَن پاڻ ۾

قسم آهي! ته (اِهي ماڻهو ايستائين) مسلمان نه آهن جيستائين انهيءَ معاملي ۾ جو سندن وچ ۾ پيو آهي توکان

ثُمَّ لَا يَجِدُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوْا

پوءِ نہ لهن پنهنجي دلين ۾ ڪا تنگي ان ڪان جو فيصلو ڪيو تو ۽ قبول ڪن

فيصلو ڪرائڻ پوءِ (تون) جيڪو نبيرو ڪرين تنهن ڪان پنهنجين دلين ۾ ڪا اڙِ ڪُڙ نہ ڏسن ۽ (پوري) مڃڻ طرح مڃين.

تَسْلِيْمًا ﴿٦٥﴾ وَلَوْ اَنَّا كَتَبْنَا عَلَيْهِمْ اَنِ اقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اَوِ

رضاخوشيءَ (سان) ۽ جيڪڏهن اسان لکون ها انهن تي تہ ماري وجهو پاڻ کي يا

۽ جيڪڏهن اسين مٿن لازم ڪريون ها تہ اوهين پاڻ کي ڪُهو يا پنهنجن ديسن مان

اخْرُجُوْا مِنْ دِيَارِكُمْ مَّا فَعَلُوْهُ اِلَّا قَلِيْلٌ مِّنْهُمْ ۭ وَلَوْ اَنَّهُمْ

نڪري وڃو پنهنجي گهرن مان تہ نہ عمل ڪن ها ان تي مگر ٿورا انهن مان، ۽ جيڪڏهن اهي

نڪرو تہ منجهائن ٿورڙن کان سواءِ (ٻيا) اهو نہ ڪن ها، ۽ جيڪا نصيحت ڪئي وين تنهن موجب

فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَاَشَدَّ تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾ لا

ڪن ها اهو جنهن جو ڪين حڪم ڪجي ٿو تہ هئو بهتر انهن لاءِ ۽ زياده پڪو ڪندڙ.

جيڪڏهن اهي ڪم ڪن ها تہ انهن لاءِ ضرور ڀلو ۽ (ايمان کي) وڌيڪ پڪي ڪرڻ وارو هجي ها.

وَّاِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٦٧﴾ لا وَّلَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا

۽ ان وقت ڪين ڏيون ها پنهنجي طرفان اجر وڏو. ۽ وٺايون ها انهن کي رستو

۽ انهيءَ وقت پاڻ وٽان ڪين وڏو اجر ضرور ڏيون ها. ۽ ضرور ڪين سڌي واٽ وٺايون ها.

مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ

سڌو. ۽ جيڪي فرمانبرداري ڪندا الله ۽ رسول جي پوءِ اهي گڏهوندا انهن سان

۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي

اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ

فضل ڪيو الله جن تي يعني پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد

الله فضل ڪيو آهي (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح

وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ ۭ ذٰلِكَ الْفَضْلُ

۽ صالح ۽ ڀلا آهن اهي سنگتي. اهو فضل

۽ اهي چڱا سنگتي آهن!. اهو فضل الله جي طرفان آهي.

ع ٩ مِنَ اللّٰهِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ

الله جو آهي، ۽ ڪافي آهي الله ڄاڻندڙ. اي ايمان وارؤ! وٺو بچاءُ (هٿيار) پنهنجو

۽ الله ڄاڻندڙ بس آهي، اي ايمان وارو پنهنجي بچاءُ جو سامان وٺو پوءِ (جهاد لاءِ) ٽولا ٽولا

فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾ وَاِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ

پوءِ نڪرو ٽولا ٽولا يا نڪرو گڏجي. ۽ توهان مان ڪو اهڙو آهي جو ڍر ڪري ٿو،

ٽي نڪرو يا گڏجي نڪرو، ۽ بيشڪ اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو (ڄاڻي واڻي) دير ڪندو آهي،

فَاِنْ اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ

پوءِ جيڪڏهن پهچندي توهان کي ڪا مصيبت چوندو ته مهرباني ڪئي الله مون تي جو نه

پوءِ جيڪڏهن اوهان کي ڪا تڪليف پهچندي آهي ته چوندو آهي ته بيشڪ الله مون تي احسان ڪيو جو (آءٌ)

اَكُنْ مَّعَهُمْ شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾ وَلَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ

هيس انهن سان گڏ حاضر. ۽ جيڪڏهن پهتي توهان کي ڪا ڀلائي الله جي طرفان

ساڻن حاضر نه هيس. ۽ جيڪڏهن الله (جي پار) کان ڪو فضل اوهان کي پهچي ته (انهيءَ وانگر جو) ڄڻ ته

لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ تَكُنْۢ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ

ته ضرور چوندو ڄڻ ته نه هئي توهان جي ۽ ان جي وچ ۾ ڪا دوستي ها جيڪر آءٌ هجان ها

اوهان جي ۽ سندس وچ ۾ دوستي نه هجي ضرور چوندو آهي ته مون کي ارمان آهي، جيڪر

مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾ فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ

گڏ انهن سان ته ماڻيان ها مراد وڏي. پوءِ ڀلا ته لڙائي ڪن الله جي راه ۾ اهي جيڪي

ساڻن هجان ها ته وڏي مراد ماڻيان ها!. پوءِ انهن (مومنن) کي جڳائي ته الله جي واٽ ۾ وڙهن جيڪي

يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۭ وَمَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

وڪڻن ٿا حياتي دنيا جي آخرت لاءِ. ۽ جيڪو لڙائي ڪري ٿو الله جي راه ۾

دنيا جي حياتيءَ کي آخرت سان وڪڻندا آهن. ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ وڙهندو

فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾ وَ

پوءِ اهو قتل ٿي وڃي يا غالب ٿئي ته جلد ڏينداسون انهيءَ کي اجر وڏو. ۽

پوءِ ماريو وڃي يا غالب ٿئي تنهن کي سگهو ئي وڏو اجر ڏينداسون. ۽ (اي مسلمانو!)

مَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ

ڇا ٿيو آهي توهان کي جو نٿا لڙائي ڪريو راه الله جي ۾ ۽ انهن ڪمزورن

اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله جي واٽ ۾ نه ٿا وڙهو حالانڪ هيڻن مردن

مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا

مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن لاءِ جيڪي چون ٿا اي اسان جا پروردگار ڪڍ اسان کي

۽ عورتن ۽ ٻارن مان اهي آهن جي چون ٿا ته اي اسان جا پالڻهارا هن شهر مان

مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ۚ وَاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ۙ
هن شهر مان جو ظالم آهن رهاڪوان جا ۽ ڪر اسان لاءِ پاڻ وٽان ڪوئي حمايتي،
جنهن جا رهاڪو ظالم آهن اسان کي (ٻاهر) ڪڍ، ۽ پاڻ وٽان اسان جو (ڪو) سنڀاليندڙ ڪر

وَّاجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ۭ ﴿٧٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ
۽ ڪر اسان لاءِ پاڻ وٽان ڪو مددگار. اهي ماڻهو جن ايمان آندو لڙائي ڪن ٿا
۽ پاڻ وٽان اسان جو ڪو مددگار ڪرا، جيڪي مؤمن آهن سي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن.

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ
الله جي راهه ۾ ۽ اهي جن ڪفر ڪيو لڙائي ڪن ٿا شيطان جي راهه ۾
۽ جيڪي ڪافر آهن سي طاغوت جي واٽ ۾ وڙهندا آهن، تنهن ڪري

فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَاۗءَ الشَّيْطٰنِ ۚ اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا ﴿٧٦﴾ ع
پوءِ توهان لڙائي ڪريو دوستن شيطان جي سان، بيشڪ فريب شيطان جو آهي ڪمزور.
شيطان جي ساٿين کي ماريو! بيشڪ شيطان جي ٺڳي ڪمزور آهي.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ
ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏانهن چيو ويو جن کي تہ روڪيو پنهنجا هٿ ۽ قائم ڪريو نماز
(اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي چيو ويو تہ پنهنجن هٿن کي (وڙهڻ کان) جهليو ۽ نماز پڙهو

وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ
۽ ڏيو زڪوات، پوءِ جڏهن فرض ٿي انهن تي لڙائي تہ ان وقت هڪ ٽولو انهن مان
۽ زڪوات ڏيو! پوءِ جنهن مهل مٿن وڙهڻ لازم ڪئي ويئي تنهن مهل منجهائن اوچتو هڪ ٽولي

يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَقَالُوْا رَبَّنَا
ڏڄي پيو ماڻهن کان جئن ڏڄ ٿئي الله جو يا اڃا بہ وڌيڪ ڏڄڻ، ۽ چيائون رب اسان جا
الله جي خوف وانگر يا ان کان بہ وڌ خوف ڪرڻ ۾، ماڻهن کان ڏڄي ٿي، ۽ چيائون تہ اي اسان جا پالڻهار!

لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ لَوْلَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۭ
ڇا لاءِ فرض ڪئي تو اسان تي لڙائي، ڇو نہ ڍر ڏني تو اسان کي مدت ويجهي تائين.
ڇالاءِ اسان تي وڙهڻ لازم ڪئي اٿيئي؟ ويجهي وقت تائين تو اسان کي ڇو نہ ڍر ڏني؟

قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ ۚ وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۣ وَ
تون چؤ فائدو دنيا جو ٿورو آهي، ۽ آخرت ڀلي آهي پرهيزگار لاءِ. ۽
(اي پيغمبر!) چئو تہ دنيا جو سامان ٿورڙو آهي، آخرت انهيءَ لاءِ ڀلي آهي جيڪو پرهيزگاري ڪندو

لَا تُظْلَمُونَ فَتِيلًا ﴿٧٧﴾ اَيْنَ مَا تَكُونُوا يُدْرِكْكُمُ الْمَوْتُ وَلَوْ كُنْتُمْ

اوهان تي ظلم نہ ڪبو تند جيترو. جتي بہ هوندؤ پهچندو توهان کي موت ۽ جيتوڻيڪ هجو

۽ توهان تي تند جيترو بہ ظلم نہ ڪيو ويندو. جتي هوندؤ اتي اوهان کي موت پهچندو جيتوڻيڪ مضبوط قلعن ۾

فِيْ بُرُوْجٍ مُّشَيَّدَةٍ ۗ وَاِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ

قلعن بلندن ۾، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي ڪا ڀلائي تہ چون ٿا هيءَ

(چو نہ) هوندو. جيڪڏهن ڪين ڪا چڱائي پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ هيءَ الله وٽان (پهتي) آهي.

مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ۗ

الله جي طرفان آهي، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي ڪا تڪليف چون ٿا اها تنهنجي طرفان آهي،

۽ جيڪڏهن ڪين ڪا تڪليف پهچندي آهي تہ چوندا آهن تہ هيءَ تو وٽان پهتي آهي.

قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۗ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ

چؤ سڀ طرفان الله جي آهي، پوءِ ڇا ٿيو آهي هنن ماڻهن کي جو نہ ٿا ويجها ٿين

(ڪين) چئو تہ (ڏک سک) سڀ الله وٽان آهي. پوءِ هن قوم کي ڇا (ٿيو) آهي جو ڳالهہ جي سمجهڻ کي

يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿٧٨﴾ مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۫ وَمَآ

تہ سمجهن ڪا ڳالهہ. جا پهچي ٿي توکي ڪا ڀلائي سا الله کان آهي ۽ جا

ويجهوئي نہ آهن؟. توکي جيڪا بہ چڱائي پهچي ٿي سا الله وٽان (پانءِ) ۽ توکي جيڪا بہ تڪليف پهچي ٿي

اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ۗ وَاَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ۗ

پهچي ٿي توکي ڪا برائي پوءِ نفس تنهنجي کان آهي، ۽ اسان موڪليو سون توکي ماڻهن لاءِ رسول ڪري.

سا پنهنجي نفس (جي ڪمن جي شامت) کان (پانءِ)! ۽ توکي ماڻهن لاءِ پيغمبر ڪري موڪليوسون.

وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿٧٩﴾ مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ

۽ ڪافي آهي الله شاهد. جيڪو چيو مڃيندو رسول جو تہ انهيءَ چيو مڃيو الله جو.

۽ الله شاهد بس آهي. جيڪو پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ الله جي فرمانبرداري ڪئي

وَمَنْ تَوَلّٰى فَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ﴿٨٠﴾ وَيَقُوْلُوْنَ طَاعَةٌ ۫

۽ جيڪو ڦرندو پوءِ نہ موڪليو سون توکي انهن تي سنڀاليندڙ ڪري. ۽ چون ٿا تابعدار آهيون،

۽ جيڪو ڦرندو تن تي توکي نگهبان ڪري نہ موڪليو اٿون. ۽ (منافق تو وٽ) چوندا آهن تہ فرمانبرداري (ڪنداسون)

فَاِذَا بَرَزُوْا مِنْ عِنْدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِيْ

پوءِ جڏهن نڪرن ٿا تو وٽان نہ راتي لو رات جو هڪ ٽولو انهن مان ابتڙ ان کان جيڪي

پوءِ جڏهن تو وٽان هليا ويندا آهن تڏهن منجهانئن هڪ ٽولي تنهنجي ڳالهين جي ابتڙ رات جو صلاحون ڪندي

تَقُوْلُ ۚ وَاللّٰهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُوْنَ ۚ فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَتَوَكَّلْ

ٿون چوين ٿو، ۽ الله لکي ٿو جيڪي رات جون صلاحون ڪن ٿا پوءِ منهن موڙ انهن کان ۽ ڀروسو ڪر

آهي ۽ جيڪي رات جو صلاحون ڪندا آهن سي الله لکندو آهي، تنهن ڪري ڪانئن منهن موڙ ۽ الله تي ڀروسو ڪر!

عَلَى اللّٰهِ ۚ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٨١﴾ اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ وَلَوْ كَانَ

الله تي. ۽ بس الله ڪارساز آهي. ڇا نه ٿا غور ڪن قرآن ۾، ۽ جيڪڏهن هجي ها

۽ الله وڪيل بس آهي. قرآن ۾ ڇو نه سوچ ڪندا آهن؟ ۽ جيڪڏهن الله کان سواءِ

مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللّٰهِ لَوَجَدُوْا فِيْهِ اخْتِلَافًا كَثِيْرًا ﴿٨٢﴾ وَاِذَا جَآءَهُمْ

اهو الله ڌاران ٻئي کان ته لهن ها ان ۾ اختلاف گهڻو. ۽ جڏهن اچي ٿي انهن وٽ

ٻئي (ڪنهن) وٽان هجي ها ته منجهس گهڻو اختلاف لهن ها! ۽ جڏهن وٽن امن جي يا خطري جي ڪا خبر

اَمْرٌ مِّنَ الْاَمْنِ اَوِ الْخَوْفِ اَذَاعُوْا بِهٖ ۚ وَلَوْ رَدُّوْهُ اِلَى الرَّسُوْلِ

ڪا خبر امن جي يا خوف جي ته پکيڙن ٿا ان کي، ۽ جيڪڏهن موٽائين ها ان کي رسول ڏانهن

ايندي آهي (تڏهن) ان کي مشهور ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ان کي پيغمبر ڏانهن ۽ پنهنجن (مسلمانن) مان اميرن

وَاِلٰٓى اُولِى الْاَمْرِ مِنْهُمْ لَعَلِمَهُ الَّذِيْنَ يَسْتَنْۢبِطُوْنَهٗ مِنْهُمْ ۚ

۽ پنهنجن اختيار واري ڏانهن ته سمجهن ها ان کي اهي جيڪي ڪڍن ها مطلب ان جو انهن منجهان،

(حڪمرانن) ڏانهن پهچائين ها ته منجهانئن جيڪي ان کي جاچيندا آهن سي ضرور ان کي (چڱيءَ طرح) ڄاڻن ها!

وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ لَاتَّبَعْتُمُ الشَّيْطٰنَ اِلَّا

۽ جيڪڏهن نه هجي ها مهرباني الله جي توهان تي ۽ ٻاجهه سندس ته پيروي ڪيو ها شيطان جي ٿورن

۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهه اوهان تي نه هجي ها ته ٿورڙن کان سواءِ ضرور شيطان جي پٺيان لڳو ها!

قَلِيْلًا ﴿٨٣﴾ فَقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفْسَكَ وَحَرِّضِ

کان سواءِ. پوءِ تون لڙائي ڪر الله جي راهه ۾، ناهي جوابداري توتي مگر پنهنجي سِر جي ۽ اڀار

پوءِ (اي پيغمبر!) الله جي واٽ ۾ جنگ ڪر! تنهجي سِر کان سواءِ توتي بار نه رکيو ويو آهي ۽ مومنن

الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّكُفَّ بَاْسَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ وَاللّٰهُ

مسلمانن کي، اجهو الله بند ڪندو لڙائي انهن جي جن ڪفر ڪيو، ۽ الله

کي همٿاءِ، ويجهو ئي الله ڪافرن جي ويڙهه کي روڪڻ تي آهي، ۽ الله ويڙهه جي ڪري

اَشَدُّ بَاْسًا وَّاَشَدُّ تَنْكِيْلًا ﴿٨٤﴾ مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ

زور آهي جنگ ۾ ۽ زور آهي سزا ڏيڻ ۾، جيڪو ڪندو سفارش چڱائي جي ٿيندو

ڏاڍو زور وارو ۽ سزا ڏيڻ ۾ (به) ڏاڍو زور وارو آهي. جيڪو چڱيءَ ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن لاءِ

لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ

انهيءَ لاءِ ڀاڱو ان مان، ۽ جيڪو ڪندو سفارش بڇڙائي جي هوندو انهيءَ لاءِ حصو

منجهانئس حصو آهي، ۽ جيڪو بڇڙيءَ ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن لاءِ منجهانئس حصو آهي،

مِّنْهَا ۗ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقِيْتًا ﴿٨٥﴾ وَاِذَا حُيِّيْتُمْ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوْا

ان مان، ۽ آهي الله هر شيءِ تي ورهاست ڪندڙ. ۽ جڏهن ڪيڪاريو وڃي توهان کي سلام سان پوءِ جواب ڏيو

۽ الله سڀ شيءِ تي نگهبان آهي. ۽ جڏهن اوهان کي سلام ڪرڻ سان تعظيم ڏني وڃي تڏهن اُن کان بهتر

بِاَحْسَنَ مِنْهَآ اَوْ رُدُّوْهَا ۗ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَسِيْبًا ﴿٨٦﴾

بهتر ان کان يا ورايو ان کي، بيشڪ الله آهي هر شيءِ تي حساب وٺندڙ.

تعظيم سان (سلام) ورايو يا اوترو ورايو. بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ جو حساب ڪندڙ آهي.

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۗ لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ۗ

الله، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مگر اهو، ضرور گڏ ڪندو اوهان کي ڏينهن قيامت ۾ ناهي ڪو شڪ ان ۾،

الله (اهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي. قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ (ڪو) شڪ نه آهي

وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيْثًا ﴿٨٧﴾ فَمَا لَكُمْ فِى الْمُنٰفِقِيْنَ

۽ ڪير آهي وڌيڪ سچو الله کان ڳالهه ڪرڻ ۾. پوءِ ڇا ٿيو آهي اوهان کي منافقن بابت

اوهان کي ضرور گڏ ڪندو ۽ الله کان ڪير (پنهنجي) ڳالهه ۾ وڌيڪ سچو آهي؟. اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو منافقن

فِئَتَيْنِ وَاللّٰهُ اَرْكَسَهُمْ بِمَا كَسَبُوْا ۗ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ

ٻه ٽولا ٿيا آهيو ۽ الله اونڌو اُڇليو انهن کي سندن ڪئي سبب، ڇا اوهين گهرو ٿا انهن کي راهه تي آڻڻ جن کي

جي بابت ٻه ٽوليون (ٿي پيا) آهيو؟ ۽ الله سندن ڪرتوتن سببان ڪين اونڌو ڪيو آهي، جنهن کي الله ڀلايو تنهن کي

اَضَلَّ اللّٰهُ ۗ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾ وَدُّوْا

گمراهه ڪيو الله، ۽ جن کي گمراهه ڪري الله ته هرگز نه لهندين انهيءَ لاءِ ڪو رستو. اهي چاهين ٿا

اوهين هدايت ڪرڻ گهرندا آهيو ڇا؟ جنهن کي الله ڀلائيندو آهي تنهن لاءِ ڪا واٽ ڪڏهن نه لهندين. (اهي) گهرندا آهن ته

لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ

جيڪر اوهين ڪافر ٿيو جيئن اهي ڪافر آهن پوءِ ٿيندؤ هڪ جهڙا پوءِ نه ڏاريو انهن مان

جيڪر اوهين ڪافر ٿيو جهڙا پاڻ ڪافر آهن ته (سڀ) هڪجهڙا ٿيو. پوءِ منجهانئن ڪنهن کي ايستائين دوست

اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ

دوست جيستائين هجرت ڪن الله جي راهه ۾، پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن ته پڪڙيو انهن کي

ڪري نه وٺو جيستائين الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏين، پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن ته پڪڙيون

النصف

ع ١١/٨

وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ص وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّ

۽ قتل ڪريو انهن کي جتي لڌو انهن کي ۽ نه بڻايو انهن مان ڪنهن کي دوست ۽

۽ جتي لهونِ نتي قتل ڪريونِ ۽ منجهانئن ڪنهن کي نڪي دوست ۽ نڪي مددگار ڪري وٺو.

لَا نَصِيْرًا ﴿٨٩﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۢ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ

نڪي مددگار. مگر اهي جيڪي پهچن ٿا اهڙي قوم وٽ جو توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾

پر (انهن سان نه وڙهو) جيڪي اهڙيءَ قوم سان ڳنڍيل هجن جو اوهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ معاهدو ٿيل هجي

مِّيْثَاقٌ اَوْ جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا

معاهدو آهي يا آيا توهان وٽ جو سوڙها ٿيا سينا انهن جا جو لڙائي ڪن توهان سان يا لڙائي ڪن

يا اوهان وٽ هن حال ۾ اچن جو اوهان سان وڙهڻ يا پنهنجي قوم سان وڙهڻ کان سندن سينا گهٽيل هجن

قَوْمَهُمْ ط وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ فَلَقٰتَلُوْكُمْ ج فَاِنِ

پنهنجي قوم سان ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته ٻڇي ها انهن کي توهان تي پوءِ وڙهن ها توهان سان، پر جيڪڏهن

۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته ڪين اوهان تي غالب ڪري ها ۽ اوهان کي ضرور مارين ها! پوءِ جيڪڏهن

اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَ اَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ لا فَمَا جَعَلَ

پاسو ڪن توهان کان پوءِ نه جنگ ڪن توهان سان ۽ آڇ ڪن اوهان کي صُلح جي ته نه ڪيو آهي

اوهان کان پاسو ڪن ۽ اوهان سان نه وڙهن ۽ اوهان ڏانهن صلح (جو پيغام) موڪلين ته پوءِ الله اوهان لاءِ مٿن

اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿٩٠﴾ سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ

الله توهان لاءِ انهن تي ڪو رستو. اجهو ڏسندؤ ٻيا اهڙا جو چاهين ٿا ته

ڪا (ويڙهه جي) واٽ نه ڪئي آهي. ٻي ٽوليءَ کي (اوهين) سگهوئي لهندؤ جو اوهان کان امن ۾ هجڻ گهرندا

يَّاْمَنُوْكُمْ وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ط كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى الْفِتْنَةِ اُرْكِسُوْا فِيْهَا ج

امن ۾ رهن توهان کان ۽ امن ۾ رهن پنهنجي قوم کان، جڏهن موٽائجن ٿا اهي فساد ڏانهن ته اونڌا ٿي ڪِرن ٿا ان ۾.

۽ پنهنجي قوم کان (به) امن ۾ هجڻ گهرندا، جڏهن به ڪنهن فتني ڏانهن سڏيا ويندا تڏهن منجهس جهٽ پٽ اونڌي منهن ڪري پوندا.

فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَيُلْقُوْٓا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ

پوءِ جيڪڏهن نه پاسو ڪن توهان کان ۽ نه آڇ ڪن توهان کي صلح جي ۽ نڪي جهلين جنگ کان پنهنجا هٿ

پوءِ جيڪڏهن اوهان کان پاسو نه ڪن ۽ نڪي اوهان ڏانهن صلح (جو پيغام) موڪلين ۽ نڪي پنهنجن هٿن

فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ ط وَاُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ

ته پڪڙيو انهن کي ۽ قتل ڪريو انهن کي جتي به لهونِ، ۽ اهي اٿوَ جو ڪئي سون توهان لاءِ

کي (ويڙهه کان) جهلين ته انهن کي پڪڙيو ۽ جتي انهن کي لهو تتي انهن کي ڪهو، ۽ انهن تي اسان اوهان کي

١٢ ع ١٢ ٩ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿٩١﴾ ع وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا
انهن تي حجت پڌري ، ۽ ناهي جائز مسلمان لاءِ جو ماري ڪنهن مسلمان کي مگر
پڌرو غلبو ڏنو آهي. ۽ مومن جو ڪنهن مومن کي مارڻ، ڀل چڪ کان سواءِ (ڪنهن حال ۾) نہ جڳائي

خَطَـًٔا ج وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ
ڀل چڪ ۾ ۽ جنهن ماريو ڪنهن مسلمان کي ڀل ۾ تہ آزاد ڪرڻو آهي ٻانهو مسلمان ۽ خون بها
۽ جيڪو مومن کي ڀل چڪ سان ماري تہ (هڪ تہ) مومن ٻانهي کي آزاد ڪري ۽ (ٻيو تہ) چٽي

مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى اَهْلِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّصَّدَّقُوْا ط فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ
حوالي ڪيل ان جي گهروارن ڏانهن مگر جي معاف ڪن، پوءِ جيڪڏهن مقتول آهي ان قوم ڪان جا توهان جي دشمن آهي
سندس وارثن کي پهچائي، پر جي بخشين (تہ انهن کي اختيار آهي) ، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي دشمنن جي قوم مان آهي

وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ط وَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ
۽ اهو مسلمان هئو تہ آزاد ڪرڻو آهي ٻانهو مسلمان ، ۽ جيڪڏهن آهي مقتول اهڙي قوم مان
۽ اهو مومن هجي تہ (رڳو) مومن ٻانهي کي آزاد ڪرڻ لازم آهي (۽ چٽي معاف آهي) ۽ جيڪڏهن انهيءَ قوم مان آهي

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰۤى اَهْلِهٖ وَتَحْرِيْرُ
جو توهان ۽ انهن جي وچ ۾ عهد نامو آهي تہ خون بها حوالي ڪيل ٿئي ان جي گهروارن ڏانهن ۽ آزاد ڪرڻو آهي
جو اوهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ پڪو معاهدو ٿيل آهي تہ چٽي سندس وارثن کي پهچائجي ۽ مومن ٻانهي کي

رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ج فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ز
ٻانهو مسلمان ، پوءِ جيڪو نہ لهي تہ روزا رکڻا آهن ٻہ مهينا لڳو لڳ
آزاد ڪرڻ لازم آهي ، ۽ جيڪو (ٻانهو) نہ لهي تہ ٻہ مهينا لڳولڳ روزا رکي (اهو ڪفارو) الله

تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٩٢﴾ وَمَنْ يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا
گناهہ بخشائڻ لاءِ الله کان، ۽ آهي الله علم وارو حڪمت وارو ، ۽ جيڪو قتل ڪري مسلمان کي
(جي ٻار) کان توبہ جي (قبول ٿيڻ) لاءِ آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي، ۽ جيڪو مومن کي ڄاڻي واڻي ماريندو

مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ
ڄاڻي واڻي پوءِ سزا ان جي جهنم آهي هميشہ رهندو ان ۾ ۽ ڪاوڙيو آهي الله انهيءَ تي ۽
تنهن جي سزا دوزخ آهي، منجهس سدائين رهڻ وارو آهي ۽ الله مٿس ڏمريو ۽ مٿس لعنت ڪندو

لَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿٩٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ
لعنت ڪيائين ان کي ۽ تيار ڪيائين انهيءَ لاءِ عذاب وڏو ، اي ايمان وارؤ ! جڏهن سفر ڪريو توهان
۽ ان لاءِ وڏو عذاب تيار ڪيو اٿس. اي ايمان وارؤ! جڏهن اوهين الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) مسافري ڪريو

فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰۤى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ

الله جي راهہ ۾ تہ جاچ ڪريو ۽ نہ چئو ان کي جيڪو ڏئي توهان تي سلام

تڏهن (پوريءَ طرح) جاچيو ۽ جيڪو اوهان کي سلام ڪري تنهن کي اوهين دنيا جي

لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ

تہ ناهين تون مسلمان، گھرو ٿا اوهان سامان حياتي دنيا واريءَ جو پوءِ الله وٽ غنيمتون

حياتيءَ جو سامان طلبيندڙ ٿي، نہ چئو تہ تون مومن نہ آهين، چو تہ الله وٽ (ڍيڻ لاءِ) خزانا

كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ

گھڻيون ئي آهن، اهڙائي هئا توهان پڻ اڳ ۾ پوءِ احسان ڪيو الله توهان تي تنهن ڪري جاچ ڪريو، بيشڪ

گھڻا آهن، اڳ اوهين بہ اهڙا هيؤ پوءِ الله اوهان تي احسان ڪيو پوءِ اوهين (پوريءَ طرح) جاچيو، چو تہ

اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿٩٤﴾ لَا يَسْتَوِى الْقٰعِدُوْنَ

الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. نہ ٿا برابر ٿين ويهي رهندڙ

جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. مومنن مان ڪنهن عذر ڌاران (جهاد کان گھر ۾)

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِى الضَّرَرِ وَالْمُجٰهِدُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

مسلمان سواءِ عذر جي ۽ جهاد ڪندڙ مسلمان الله جي راهہ ۾

ويهي رهندڙ ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان جهاد ڪندڙ

بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَ

پنهنجن مالن ۽ جانين سان، اُتم ڪيو الله جهاد ڪندڙن کي پنهنجي مالن ۽

(اهي ٻئي) برابر نہ آهن. پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان جهاد ڪندڙن کي الله (گھر ۾)

اَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَ

جانين سان ويهي رهندڙن تي مرتبي ۾، ۽ سڀني سان وعدو ڪيو الله ڀلائي جو، ۽

ويهي رهندڙن کان مرتبي ۾ ڀلو ڪيو آهي ۽ الله هر هڪ کي چڱائيءَ جو وعدو ڏنو آهي ۽

فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٩٥﴾ ۙ دَرَجٰتٍ

وڌايو الله مجاهدن کي ويهي رهندڙن تي اجر عظيم سان، درجن ۾

الله جهاد ڪندڙن کي ويهي رهندڙن کان وڏي اجر جي ڪري ڀلو ڪيو آهي. پاڻ وٽان درجا

مِّنْهُ وَمَغْفِرَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٩٦﴾ ع اِنَّ الَّذِيْنَ ١٤

پاڻ وٽان ۽ بخشش ۽ ٻاجهہ ۾، ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ اهي ماڻهو جن جو

۽ بخشش ۽ ٻاجهہ ڪئي اٿس، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ جن پاڻ تي ظلم ڪيو

تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَالُوْا فِيْمَ كُنْتُمْ ؕ قَالُوْا كُنَّا
ساهه ڪڍيو ملائڪن جي ظلم ڪندڙ هئا پاڻ تي چوندن ڇا ۾ هئا توهان، چوندا اسين
آهي تن کي ملائڪ. مارڻ مهل چوندا آهن ته اوهين ڪهڙي (حال) ۾ هيوَ؟ آهي چوندا ته اسين
مُسْتَضْعَفِيْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ قَالُوْٓا اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً
بنهه بي وس هئاسون ملڪ ۾، چوندن ملائڪ ڇا نه هئي زمين الله جي ڪشادي
ملڪ ۾ بيوس هئاسون، (ملائڪ کين) چوندا ته، الله جو ملڪ ويڪرو نه هو ڇا؟
فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ فَاُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿٩٧﴾ۙ
پوءِ لڏي وڃو ها ان ۾، پوءِ اهي آهن جن جي جاءِ دوزخ آهي، ۽ اها بُري جاءِ آهي.
جو ان ۾ لڏي وڃو ها. پوءِ انهن جي جاءِ دوزخ آهي، ۽ اهو هنڌ بڇڙو آهي.
اِلَّا الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ
مگر جيڪي بي وس هئا ڪي مرد ۽ ڪي عورتون ۽ ٻار جو نه پيا ڪري سگهن
پر مردن ۽ عورتن ۽ ٻارن مان هيڻان جن جو ڪا واهه لهي نه سگهندا آهن
حِيْلَةً وَّلَا يَهْتَدُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٩٨﴾ۙ فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّعْفُوَ
ڪا ڪوشش ۽ نه پيا لهن ڪائي راهه. پوءِ اهي، اميد آهي ته الله معاف ڪري
۽ نڪا نڪرڻ جي ڪا واٽ وٺي سگهندا آهن. ته سگهو انهن کي الله معاف ڪرڻ تي آهي،
عَنْهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا غَفُوْرًا ﴿٩٩﴾ وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
انهن کي ۽ آهي الله معاف ڪندڙ بخشڻهار. ۽ جيڪو هجرت ڪندو الله جي راهه ۾
۽ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي. جيڪو الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندو سو زمين ۾ گهڻيون رهڻ
يَجِدْ فِي الْاَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّسَعَةً ؕ وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ
ته لهندو ملڪ ۾ رهڻ جي جاءِ گهڻي ۽ آسودگي، ۽ جيڪو نڪري ٿو پنهنجي گهر کان
جون جايون ۽ (روزيءَ جي) ڪشادگي لهندو ۽ جيڪو الله (جي واٽ ۾) ۽ سندس پيغمبر ڏانهن
مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ
هجرت ڪندڙ ٿي الله ۽ ان جي رسول ڏانهن پوءِ پهچي ٿو ان کي موت ته بيشڪ پيو ثواب ان جو
هجرت ڪندڙ ٿي پنهنجي گهر کان نڪرندو پوءِ ڪيس موت پهچندو تنهن جو اجر بيشڪ
ع ١٤ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٠٠﴾ع وَاِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ
الله تي، ۽ آهي الله بخشيندڙ مهربان، ۽ جڏهن سفر ڪريو ملڪ ۾
الله تي (لازم) آهي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي، ۽ جڏهن اوهين ملڪ ۾ مسافري ڪريو

فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنْ خِفْتُمْ

پوءِ ناهي توهان تي گناهه جو گهٽايو ڪجهه نماز جي ڊڄو ٿا

تڏهن جيڪڏهن ڊڄو ٿا ته ڪافر اوهان کي پريشان ڪندا ته نماز مان ڪجهه

اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۭ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿١٠١﴾

ته پريشان ڪندا توهان کي ڪافر. بيشڪ ڪافر آهن توهان جا دشمن پڌرا.

گهٽائڻ ۾ اوهان تي گناهه ڪونهي، ڇو ته ڪافر اوهان جا پڌرا ويري آهن.

وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَاۗىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ

۽ جڏهن تون هجين انهن ۾ پوءِ پڙهائين انهن کي نماز ته بيهي هڪ ٽولو انهن مان

۽ (اي پيغمبر! ويڙهه مهل) جڏهن منجهن هجين پوءِ کين نماز پڙهائين ته، منجهائن هڪ ٽوليءَ کي توسان (نماز ۾) بيهڻ گهرجي

مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ ۣ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَاۗىِٕكُمْ ۠

گڏ توسان ۽ کڻي بيهن هٿيار پنهنجا. پوءِ جڏهن سجدو ڪن ته ٿي وڃن توهان کان پوئتي

۽ پنهنجن هٿيارن کي (ساڻ) وٺڻ گهرجين. پوءِ جنهن مهل (اهي) سجدو ڏيئي بيهن (تنهن مهل) اوهان جي پوئتان ٿين

وَلْتَاْتِ طَاۗىِٕفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَلْيَاْخُذُوْا

۽ اچي ٽولو ٻيو جن نه پڙهي نماز پوءِ اهي نماز پڙهن توسان گڏ ۽ وٺي بيهن

۽ جنهن ٻي ٽوليءَ نماز نه پڙهي آهي سي، اچن تن کي توسان نماز پڙهڻ گهرجي ۽ پنهنجي بچاءَ

حِذْرَهُمْ وَاَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ تَغْفُلُوْنَ

پنهنجي هوشياري ۽ هٿيار پنهنجا ۽ چاهين ٿا ڪافر جيڪر توهان بي خبر هجو

(جي شين) ۽ پنهنجن هٿيارن کي وٺڻ گهرجين. ڪافر گهرندا آهن ته جيڪر اوهين پنهنجن هٿيارن

عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً وَّاحِدَةً ۭ وَ

پنهنجن هٿيارن ۽ پنهنجي سامان کان ته اهي حملو ڪن توهان تي حملو هڪڙوئي، ۽

۽ پنهنجي سامان کان (ڪجهه) بي خبر ٿيو ته اوهان تي هڪ ئي ڀيري حملو ڪن.

لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى

ناهي ڏوهه توهان تي جڏهن آهي توهان کي تڪليف مينهن کان يا هجو بيمار

۽ جيڪڏهن اوهان کي مينهن کان ڪا تڪليف هجي يا اوهين بيمار هجو ته اوهان تي گناهه نه آهي

اَنْ تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ

ته لاهيو هٿيار پنهنجا ۽ رهو هوشيار، بيشڪ الله تيار ڪيو آهي ڪافرن لاءِ

ته پنهنجا هٿيار لاهي رکو ۽ پنهنجي بچاءَ جون شيون (ساڻ) وٺو، بيشڪ الله ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ

عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۱۰۲﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا

عذاب خوار ڪندڙ، پوءِ جڏهن ادا ڪئي توهان نماز تہ ذڪر ڪريو الله جو بيٺي ۽ ويٺي

عذاب تيار ڪيو آهي. پوءِ جڏهن نماز پوري ڪريو (تڏهن) بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي

وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ

۽ پنهنجن پاسن ڀر، پوءِ جڏهن قرار وٺو تہ سڌاري پڙهو نماز، بيشڪ نماز

ياد ڪريو. پوءِ جڏهن اوهين ڏلجاءِ ڪريو تڏهن (اصلي دستور تي) نماز پڙهو بيشڪ نماز

كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ وَلَا تَهِنُوْا فِي ابْتِغَآءِ الْقَوْمِ ؕ

آهي مسلمانن تي فرض وقت وارو. ۽ نہ سست ٿيو پيڇي ڪرڻ ڪافرن جي ۾،

مومنن تي مقرر وقت تي فرض آهي. ۽ ڪافرن جي ڳول ڦول ۾ سستي نہ ڪريو.

اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ وَتَرْجُوْنَ

جيڪڏهن توهان ايذايل آهيو تہ اهي پڻ ايذايل آهن جئن توهان ايذايل آهيو، ۽ توهان اميد رکو ٿا

جيڪڏهن اوهين ڏکوئبا آهيو تہ اهي بہ اوهان جهڙا ڏکوئبا آهن، ۽ اوهين الله ۾ اها اميد ٿا رکو

مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱۰۴﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ ۱۵ع۱۲

الله ۾ جا اهي نہ ٿا اميد رکن. ۽ آهي الله علم رکندڙ حڪمت وارو. بيشڪ اسان لاٿو توتي

جا اميد انهن کي نہ آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان تو ڏانهن

الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ؕ وَلَا تَكُنْ

ڪتاب سچو جئن فيصلو ڪرين ماڻهن جي وچ ۾ ان سان جيڪي سمجهايو توکي الله، ۽ نہ ٿيءُ

سچو ڪتاب هن لاءِ لاٿو آهي تہ جيئن الله توکي سيڪاريو آهي تيئن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرين ۽

لِّلْخَآئِنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿۱۰۵﴾ وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا

ڪوڙن جو طرفدار. ۽ بخشش گهر الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ

خيانت ڪندڙن جي پاسداري نہ ڪر، ۽ الله کان بخشش گهر- ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي.

رَّحِيْمًا ﴿۱۰۶﴾ وَلَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

مهربان آهي. ۽ نہ جهڳڙو ڪر انهن جي طرفان جيڪي ڪوڙ رکن ٿا پنهنجن دلين ۾ بيشڪ الله

۽ جيڪي پنهنجو پاڻ سان خيانت ڪندا آهن تن جي پاران (تون) نہ جهيڙ ڇو تہ الله

لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ﴿۱۰۷﴾ يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَ

نہ ٿو پسند ڪري ان کي جو آهي ڪوڙ ڪندڙ ڏوهاري، لڪي وڃن ٿا ماڻهن کان ۽

خيانتي گنهگار کي دوست نہ رکندو آهي. ماڻهن کان لڪندا آهن ۽ الله کان لڪي نہ سگهندا

لَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى

نہ تا لِڪي سگهن الله کان ۽ اهو انهن سان گڏ آهي جڏهن رات جو ڪن ٿا اها ڳالهه جو ناهي راضي

آهن ۽ جڏهن رات جو اها صلاح ڪندا آهن جنهن صلاح کان (الله) راضي نہ آهي تڏهن اهو (الله) ساڻن آهي.

مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿۱۰۸﴾ هٰۤاَنْتُمْ

ان ڳالهه کان، ۽ آهي الله سندن عملن تي گهيرو ڪندڙ. اجهو توهان

۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي. خبردار! اوهين اهڙي قوم آهيو

هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا قف فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ

اُهي آهيو جو جهڳڙو ڪيو ٿا انهن جي طرفان زندگي دنيا جي ۾. پوءِ ڪير جهڳڙو ڪندو الله سان

جو دنيا جي حياتيءَ ۾ (تہ) سندن پاران بحث ڪندا آهيو، پوءِ قيامت جي ڏينهن سندن پاران

عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿۱۰۹﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ

انهن جي طرفان قيامت ڏينهن يا ڪير هوندو انهن جو پرجهلو. ۽ جيڪو ڪري ٿو

الله سان ڪير جهيڙو ڪندو؟ يا مٿن ڪير پرجهلو ٿيندو؟. ۽ جي ڪو بڇڙو ڪم ڪندو

سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۱۰﴾

بڇڙائي يا ظلم ڪري ٿو پاڻ تي پوءِ معافي گهري ٿو الله کان تہ لهندو الله کي بخشيندڙ مهربان.

يا پاڻ تي ظلم ڪندو وري الله کان بخشش گهرندو سو الله کي بخشڻهار مهربان لهندو.

وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا

۽ جيڪو ڪري ٿو گناهه پوءِ رڳو ڪري ٿو ان کي پنهنجي سر تي، ۽ آهي الله ڄاڻندڙ

۽ جيڪو ڪي گناهه ڪري ٿو سو پاڻ لاءِ ئي ڪري ٿو، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

حَكِيْمًا ﴿۱۱۱﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓـئَةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْٓـئًا فَقَدِ

حڪمت وارو. ۽ جيڪو ڪري ٿو غلطي يا گناهه پوءِ تهمت ڏئي ٿو ان جي ڪنهن بي گناهه کي تہ انهيءَ

۽ جي ڪو ڪا خطا يا گناهه ڪري وري اها (تهمت) ڪنهن بيگناهه تي هڻي تنهن بيشڪ بهتان ۽

اِحْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۱۱۲﴾ ع وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَرَحْمَتُهٗ ١٦ ع ٨ ١٢

ڪنيو بهتان ۽ گناهه پڌرو. ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها الله جو فضل توتي ۽ ان جي مهرباني

پڌرو گناهه ڪنيو. ۽ جيڪڏهن توتي الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهه نہ هجي ها تہ منجهانئن هڪ ٽوليءَ

لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَمَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ

تہ ارادو ڪيو هئو هڪڙي ٽولي انهن مان توکي ڀلائڻ جو، ۽ نہ ٿا ڀلائن مگر پنهنجو پاڻ کي

توکي غلطي ۾ وجهڻ جي پڪي ليت ڪئي هئي ۽ (اهي) پاڻ کان سواءِ (ڪنهن کي) نہ ڀلائيندا آهن

وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَاَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ

۽ نہ تہ نقصان ڪن ٿنهنجو ڪجهہ، ۽ لاٿو الله تو تي ڪتاب ۽ حڪمت

۽ توکي ڪوبہ نقصان نہ پهچائيندا، ۽ الله توتي ڪتاب ۽ دانائي لاٿي آهي ۽ جيڪي تون

وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾

۽ سيکاريائين توکي اها شيءِ جا تون نہ ڄاڻندو هئين، ۽ آهي الله جو فضل توتي وڏو.

نہ ڄاڻندو هئين سو توکي سيکاريائين، ۽ توتي الله جو وڏو فضل آهي.

لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ

ناهي ڪا ڀلائي سندن ڪيترين ڳجهين صلاحن ۾ مگر ڪوئي چوي خيرات لاءِ يا چڱي ڪم لاءِ

سندين گهڻين ڳجهين صلاحن ۾ ڪا چڱائي نہ آهي پر جنهن خيرات ڏيڻ يا چڱي ڪم يا ماڻهن جي وچ ۾

اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ

يا ٺاهہ ڪرائڻ لاءِ ماڻهن جي وچ ۾، ۽ جيڪو ڪندو اهو ڪم گهرندي رضا

سڌاري ڪرڻ جو حڪم ڪيو (تنهن جي صلاح ۾ چڱائي آهي)، ۽ جيڪو اهو (ڪم) الله جي رضامنديءَ ڳولڻ

اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَمَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ

الله جي تہ جلد ڏينداسون ان کي ثواب وڏو. ۽ جيڪو مخالفت ڪندو رسول جي جڏهن

لاءِ ڪندو تنهن کي سگهوئي وڏو اجر ڏينداسون. ۽ جيڪو هدايت جي چٽي ٿيڻ کان پوءِ پيغمبر جي

بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَيَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ

جو ظاهر ٿي انهيءَ لاءِ هدايت ۽ هلندو ابتڙ رستي مسلمانن جي تہ ڦيرائينداسون ان کي

مخالفت ڪندو ۽ مومنن جي واٽ کان سواءِ ٻي واٽ وٺندو سو جيڏانهن ڦريو تيڏانهن ڪيس

مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ

جنهن پاسي ڦري ويو ۽ وجهنداسون ان کي دوزخ ۾، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي، بيشڪ الله نہ ٿو بخشي

ڦيرينداسون ۽ ڪيس دوزخ ۾ گهيڙينداسون، ۽ (اها) جاءِ بڇڙي آهي. بيشڪ الله هي (ڏوهہ) نہ بخشيندو جو

اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ

جو شريڪ ڪجي ان سان ۽ بخشي ٿو ٻيو ڏوهہ ان کان سواءِ جنهن لاءِ گهري ۽ جيڪو شريڪ ڪري ٿو

(ڪنهن کي) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (ٻيا گناهہ) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو

بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿١١٦﴾ اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ

الله سان، پوءِ اُهو گمراهہ ٿي وڃي پري پيو، نہ ٿا سڏين ان کان سواءِ

الله سان (ڪنهن کي) شريڪ بڻائيندو سو بيشڪ وڏي، ڀُل ۾ ڀُلو. (هي مشرڪ) ان (الله) کان سواءِ عورتن (جي نالن وارن) کي

إِلَّآ إِنَٰثًا ۚ وَإِن يَدْعُونَ إِلَّا شَيْطَٰنًا مَّرِيدًا ﴿١١٧﴾ لَّعَنَهُ ٱللَّهُ ۘ وَقَالَ

مگر مادين کي ۽ نہ ٿا سڏين مگر شيطان سرڪش کي. ٺڙيوان کي الله، ۽ ان چيو

ٿي سڏيندا آهن ۽ (حقيقت) ۾ ٺڙيل شيطان کان سواءِ ٻئي کي نہ سڏيندا آهن. ان تي الله لعنت ڪئي آهي، ۽ (شيطان) چيو تہ

لَأَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيبًا مَّفْرُوضًا ﴿١١٨﴾ وَلَأُضِلَّنَّهُمْ وَ

آءٌ وٺندس تنهنجي ٻانهن مان حصو مقرر. ۽ ضرور ڀلائيندس انهن کي ۽

تنهنجي ٻانهن مان مقرر ڪيل حصو ضرور وٺندس، ۽ کين ضرور گمراه ڪندس ۽ کين ضرور سڌن ۾ وجهندس

لَأُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَءَامُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ ءَاذَانَ ٱلْأَنْعَٰمِ وَلَءَامُرَنَّهُمْ

سڌون ڏياريندس انهن کي ۽ حڪم ڪندس انهن کي پوءِ چيريندا ڪن جانورن جا ۽ حڪم ڪندس انهن کي

۽ کين ضرور حڪم ڪندس، پوءِ ضرور ڍورن جي ڪَنن کي چيريندا (رهندا) ۽ کين ضرور حڪم ڪندس

فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ ٱللَّهِ ۚ وَمَن يَتَّخِذِ ٱلشَّيْطَٰنَ وَلِيًّا مِّن دُونِ

تہ پوءِ بدلائيندا جوڙ الله جي، ۽ جنهن بڻايو شيطان کي دوست ڇڏي

تہ الله جي جوڙيل (صورت) کي مٽائيندا (رهندا)، ۽ جيڪو الله کان سواءِ شيطان کي دوست ڪري وٺندو

ٱللَّهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِينًا ﴿١١٩﴾ يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيهِمْ ۖ وَمَا

الله کي تہ اهو پيو نقصان پڌري ۾. انجام ڏئي ٿو انهن کي ۽ سڌون ڏياري ٿو انهن کي، ۽ نہ

تنهن بيشڪ پڌرو نقصان پاتو. (شيطان) کين انجام ڏيندو آهي ۽ کين سڌن ۾ وجهندو آهي ۽ شيطان

يَعِدُهُمُ ٱلشَّيْطَٰنُ إِلَّا غُرُورًا ﴿١٢٠﴾ أُو۟لَٰٓئِكَ مَأْوَىٰهُمْ جَهَنَّمُ وَلَا

ٿو انجام ڏئي انهن کي شيطان مگر ٺوڳي لاءِ. اهي ئي جاءِ انهن جي دوزخ آهي ۽ نہ

ٺڳيءَ کان سواءِ (ٻيو ڪو) انجام نہ ڏيندو اٿن. اهڙن ماڻهن جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اُن کان ڀڄڻ جي

يَجِدُونَ عَنْهَا مَحِيصًا ﴿١٢١﴾ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَعَمِلُوا۟ ٱلصَّٰلِحَٰتِ

لهندا اُتان جاءِ ڀڄڻ جي. ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا

ڪا واه نہ لهندا، ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سگهوئي (اهڙن) باغن ۾

سَنُدْخِلُهُمْ جَنَّٰتٍ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَآ

جلد داخل ڪنداسون انهن کي باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون رهندا ان ۾

داخل ڪنداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، منجهن هميشہ سدائين رهڻ وارا آهن.

أَبَدًا ۖ وَعْدَ ٱللَّهِ حَقًّا ۚ وَمَنْ أَصْدَقُ مِنَ ٱللَّهِ قِيلًا ﴿١٢٢﴾ لَّيْسَ

هميشہ. وعدو الله جو سچو آهي، ۽ ڪير آهي وڌيڪ سچو الله کان ڳالهہ ڪرڻ ۾. اهو ناهي

(اهو) الله جو پڪو انجام آهي، ۽ انجام ڏيڻ ۾ الله کان وڌيڪ سچو ڪير آهي؟. نڪي اوهان جي

بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَ

توهان جي سڌن تي ۽ نڪي سڌن اهل ڪتاب جي تي، جيڪو ڪندو بڇڙائي ته بدلو ملندس ان جو ۽

سڌن تي ۽ نڪي ڪتاب وارن جي سڌن تي (ڇوٽڪارو) آهي، جيڪو ڪا بُرائي ڪندو تنهن کي ان جي سزا

لَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ

نه لهندو پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪوئي حمايتي ۽ نڪي مددگار. ۽ جيڪو ڪندو

ڏبي ۽ الله کان سواءِ پاڻ لاءِ نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار لهندو. ۽ جيڪي (ماڻهو) مرد يا عورت

مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ

ڪم چڱا مرد هجي يا عورت ۽ اهو ايمان وارو هجي ته اُهي داخل ٿيندا

مؤمن ٿي چڱا ڪم ڪندا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ ترِ جيترو به ظلم نه ڪبن.

الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾ وَمَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ

جنت ۾ ۽ نه ظلم ڪيا ويندا ذري جيترو. ۽ ڪير زور ڀلو آهي دين ۾ ان کان جو جهڪائي

۽ دين جي اعتبار کان اُنهيءَ کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ جنهن پنهنجو مُنهن (پيشاني) الله لاءِ نوايو

وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ

سر پنهنجو الله لاءِ ۽ اهو هجي چڱائي ڪندڙ ۽ هلي دين ابراهيم تي جو هڪ طرفو هئو، ۽ بڻايو

۽ اهو چڱائي ڪندڙ آهي ۽ ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) جي دين جي پيروي ڪئي اٿس ۽ الله

اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿١٢٥﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ

الله ابراهيم کي دوست. ۽ الله جو آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي،

ابراهيم کي (پنهنجو) خاص دوست بڻايو هو. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي.

وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىْءٍ مُّحِيْطًا ﴿١٢٦﴾ ع وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِى النِّسَآءِ ؕ قُلِ ع ١٥

۽ آهي الله هر شيءِ تي گهيرو ڪندڙ. ۽ پڇا ڪن ٿا توکان عورتن جي حق ۾، چؤ

۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي گهيرو ڪندڙ آهي. (اي پيغمبر!) زائفن بابت توکان پڇن ٿا، چئو ته

اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِى الْكِتٰبِ فِىْ يَتٰمَى

الله حڪم ڏئي ٿو توهان کي انهن ۾ ۽ جيڪي پڙهيو وڃي ٿو توهان تي قرآن ۾ يتيم

الله انهن بابت اوهان کي حڪم ڪري ٿو ۽ (پڻ) جيڪي اوهان کي (هن) ڪتاب ۾ (اڳ) پڙهي ٻڌايو ويو آهي سو

النِّسَآءِ الّٰتِىْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ

عورتن جي باري ۾ جو نه ٿا ڏيو انهن کي جيڪي لکيو ويو آهي انهن لاءِ ۽ چاهيو ٿا ته

انهن يتيم زالن بابت آهي جن کي سندن حق، جيڪو انهن لاءِ لازم ڪيو ويو سو نه ڏيندا آهيو ۽ ڪين پرڻجڻ جي

تَنْكِحُوْهُنَّ وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا

شادي ڪريو انهن سان ۽ ٻڻ ڪمزور ٻارن جي باري ۾ ۽ هي ته قائم ڪريو

خواهش ڪندا آهيو ۽ (ٻڻ) هيڻن ٻارن بابت (سو اهو حڪم قائم آهي) ۽ يتيمن (جي حقن ادا

لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ

يتيمن لاءِ انصاف ڪي، ۽ جيڪي ڪندؤ ڪا ڀلائي ته بيشڪ الله آهي ان ڪي

ڪرڻ) لاءِ انصاف تي قائم رهو، ۽ اوهين جيڪا ڪا چڱائي ڪندو تنهن کي الله ڄاڻندڙ آهي.

عَلِيْمًا ﴿۱۲۷﴾ وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْ ۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا

ڄاڻندڙ. ۽ جيڪڏهن ڪا زال ڏڄي ٿي پنهنجي مڙس جي وڙهڻ يا پاسيري ٿيڻ ڪان

۽ جيڪڏهن ڪا زال پنهنجي مڙس جي بي پرواهيءَ يا منهن موڙڻ ڪان ڏڄي ته ٻئي ڄڻا

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ

ته ناهي. گناه انهن ٻنهي تي جو ڪرائن پاڻ ۾ ٺاهه، ۽ ٺاهه ڀلو آهي،

پاڻ ۾ صلح ڪن (ڪنهن به قسم جو صلح) ته ٻنهي تي گناه نه آهي، ۽ صلح ڀلو آهي، ۽ نفس (ته)

وَاُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ

۽ جڪڙيا ويا آهن نفس لالچ سان ۽ جيڪڏهن ڀلائي ڪندؤ ۽ پرهيزڪندؤ ته بيشڪ الله

بخل جي آڏو ڪيا ويا آهن ۽ جيڪڏهن اوهين چڱائي ڪندو ۽ پرهيزگار ٿيندو ته جيڪي ڪندا

كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۲۸﴾ وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا

توهان جي سيني ڪمن جي خبر رکندڙ آهي. ۽ توهان هرگز نه رکي سگهندؤ برابري ڪرڻ

آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. ۽ اوهين زالن جي وچ ۾ ڪڏهن به برابري رکي نه سگهندؤ.

بَيْنَ النِّسَآءِ وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا

زالن جي وچ ۾ ۽ توڙي جو ڪوشش ڪريو پوءِ نه لڙي وڃو صفا لڙڻ جو ڪري ڇڏيوان ڪي

توڙيڪ گهڻي ڪوشش ڪريو تنهن ڪري اوهين (هڪ پاسي اهڙو)، سارو لاڙو نه لڙو جو ٻيءَ ڪي

كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ وَاِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۲۹﴾

جهڙي لڙڪيل، ۽ جيڪڏهن ٺاهه ڪلدؤ ۽ پرهيزڪلدؤ ته يقينن الله بخشيندڙ مهربان آهي.

لڙڪيل وانگر ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن اوهين (پاڻ ۾) صلح ڪريو ۽ پرهيزگار ٿيو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

وَاِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا

۽ جيڪڏهن ٻئي جدائي وجن ته آسودو ڪلدو الله هرهڪ کي پنهلجي فضل سان، ۽ آهي الله ڪشادگي ڪندڙ

۽ جيڪڏهن ٻئي جدا ٿيندا ته الله پنهنجي فضل سان هر ڪنهن کي آسودو ڪندو. ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو

حَكِيْمًا ﴿١٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا
حڪمت وارو. ۽ الله لاءِ ئي آهي جو آسمانن ۾ آهي ۽ جو زمين ۾ آهي، ۽ البت حڪم ڪيوسون
حڪمت وارو آهي. جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي، ۽ اوهان کان اڳ ڏنل

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَاِنْ
انهن کي جي ڏنا ويا ڪتابُ توهان کان اڳ ۽ توهان کي به ته ڊڄو الله کان، ۽ جيڪڏهن
ڪتاب وارن کي ۽ (هاڻي) خاص اوهان کي بيشڪ وصيت ڪئي اٿئون ته الله کان ڊڄو، ۽ جيڪڏهن

تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ
ڪفر ڪندؤ ته الله لاءِ ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله
نه مڃيندؤ ته (سمجهو ته) جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (خاص) الله جو آهي، ۽ الله

غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿١٣١﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى
آسودو آهي ساراهيل آهي. ۽ الله لاءِ ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ ڪافي آهي
بي پرواه ساراهيل آهي. ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي، ۽ الله پرجهلو

بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ
الله ڪارساز. جيڪڏهن اهو گهري ته نئي توهان کي اي انسانو! ۽ آڻي ٻين کي،
بس آهي. اي انسانو! جيڪڏهن الله گهري ته اوهان کي فنا ڪري ڇڏي ۽ ٻين کي پيدا ڪري

وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿١٣٣﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا
۽ الله آهي انهيءَ تي سگهه رکندڙ. جيڪو گهري ٿو ثواب دنيا جو
۽ الله انهيءَ (ڪم) تي وس وارو آهي. جيڪو دنيا ۾ (پنهنجين چڱاين جو) ثواب

ع ١٩ ٨ ١٤ فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿١٣٤﴾ ع
پوءِ نزديڪ الله جي ته آهي ثواب دنيا جو ۽ آخرت جو، ۽ الله ٻڌندڙ آهي ڏسندڙ آهي.
گهرندو آهي ته الله وٽ دنيا ۽ آخرت جو ثواب آهي، ۽ الله ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ
اي ايمان وارؤ! رهو قائم انصاف تي شاهدي ڏيندڙ الله خاطر
اي ايمان وارؤ! انصاف تي قائم رهندڙ الله ڪارڻ شاهدي ڏيندڙ ٿجو توڙيڪ اوهان کي

وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا
توڙي هجيو پاڻ تي يا پيءُ ماءُ تي ۽ مائٽن تي، جيڪڏهن هجي آسودو
پاڻ تي يا ماءُ پيءُ يا مٽن تي هجي، جيڪڏهن (اهو ماڻهو جنهن تي حق ثابت ٿئي ٿو سو) آسودو هجي

أَوْ فَقِيرًا فَاللَّهُ أَوْلَىٰ بِهِمَا ۖ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوَىٰ أَنْ تَعْدِلُوا ۚ

يا غريب تہ الله مهربان آهي انهن تي، پوءِ نہ هلو نفساني خواهشن تي عدالت ڪرڻ ۾.

يا سچو تہ الله انهن تي وڌيڪ مهربان آهي، پوءِ انصاف ڪرڻ ۾ سڌن جي پٺيان نہ لڳو ۽ جيڪڏهن

وَإِنْ تَلْوُوا أَوْ تُعْرِضُوا فَإِنَّ اللَّهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُونَ خَبِيرًا ﴿١٣٥﴾

۽ جيڪڏهن ڳالهائيندؤ وٽ تي يا منهن موڙيندؤ تہ يقينًا الله توهان جي ڪمن جي خبر رکندڙ آهي.

اوهين وچڙائي ڳالهائيندؤ يا منهن موڙيندؤ تہ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا آمِنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ وَالْكِتَابِ الَّذِي

اي ايمان وارؤ! مڃيو الله ۽ ان جي رسول ۽ ان ڪتاب کي جو

اي ايمان وارؤ! الله کي ۽ سندس پيغمبر کي ۽ جيڪو ڪتاب پنهنجي پيغمبر تي لاٿائين

نَزَّلَ عَلَىٰ رَسُولِهِ وَالْكِتَابِ الَّذِي أَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَمَنْ

لاٿائين پنهنجي رسول تي ۽ انهيءَ ڪتاب کي جو لاٿائين اڳ ۾، ۽ جيڪو

۽ جيڪو ڪتاب ڪانئس اڳ لاٿائين تنهن کي (بہ) مڃيو. ۽ جيڪو الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس

يَكْفُرْ بِاللَّهِ وَمَلَائِكَتِهِ وَكُتُبِهِ وَرُسُلِهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَقَدْ

انڪار ڪندو الله جو ۽ ان جي ملائڪن ۽ ان جي ڪتابن ۽ ان جي رسولن ۽ ڏينهن قيامت جو پوءِ

ڪتابن ۽ سندس پيغمبرن ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃيندو سو بيشڪ وڏي ڀل ۾ پئو.

ضَلَّ ضَلَالًا بَعِيدًا ﴿١٣٦﴾ إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا ثُمَّ كَفَرُوا ثُمَّ

اهو گمراهہ ٿي رستي کان پري پيو. بيشڪ جيڪي مسلمان ٿيا پوءِ ڪفر ڪيائون پوءِ

جن ايمان آندو وري ڪفر ڪيائون وري ايمان آندائون وري ڪفر ڪيائون

آمَنُوا ثُمَّ كَفَرُوا ثُمَّ ازْدَادُوا كُفْرًا لَمْ يَكُنِ اللَّهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ

مسلمان ٿيا وري ڪفر ڪيائون پوءِ وڌي ويا ڪفر ۾ تہ نہ آهي الله بخشڻ وارو انهن کي

وري ڪفر ۾ وڌندا ويا تن کي الله ڪڏهن نہ بخشيندو ۽ نکي ڪين ڪا واٽ

وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيلًا ﴿١٣٧﴾ بَشِّرِ الْمُنَافِقِينَ بِأَنَّ لَهُمْ عَذَابًا

۽ نکي ڏسيندو انهن کي رستو. تون خبر ڏي منافقن کي تہ انهن لاءِ آهي عذاب

ڏيکاريندو. (اي پيغمبر! انهن) منافقن کي (هيءَ) سڌ ڏي تہ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

أَلِيمًا ﴿١٣٨﴾ الَّذِينَ يَتَّخِذُونَ الْكَافِرِينَ أَوْلِيَاءَ مِنْ دُونِ الْمُؤْمِنِينَ ۚ

دردناڪ. جيڪي ولي ٿا ڪافرن کي دوست ڪري مسلمانن کي ڇڏي.

جيڪي مومنن کان سواءِ ڪافرن کي دوست ڪري وٺندا آهن، انهن وٽان مانُ چوگهرندا آهن؟

اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿١٣٩﴾ وَقَدْ نَزَّلَ

ڇا ڳولهن ٿا انهن وٽ عزت؟ پوءِ بيشڪ عزت الله لاءِ آهي سموري. ۽ انهيءَ حڪم لاٿو

پوءِ يقينن هيڪاندو مانُ الله جو ئي آهي. بيشڪ الله اوهان تي ڪتاب ۾ (هي حڪم) لاٿو آهي

عَلَيْكُمْ فِى الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَيُسْتَهْزَاُ

توهان تي قرآن ۾ ته جڏهن ٻڌو اوهان الله جي آيتن کي جو انڪار ڪيو وڃي انهن جو ۽ مسخري ڪئي وڃي

ته جڏهن (اوهين) ٻُڌو ته الله جي آيتن جو انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ مٿس ٺٺولي ڪئي وڃي ٿي،

بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِىْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖۤ ۖ

انهن سان ته نه ويهو انهن سان گڏ جيستائين ڳهڙن ڪنهن ڳالهه ٻيءَ ۾

تڏهن (اوهين) ساڻن ايسين نه ويهو جيسين ٻي ڪنهن ڳالهه ۾ بحث (نه) ڪن، اوهين انهيءَ مهل

اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِىْ جَهَنَّمَ

نه ته توهان به تنهن مهل انهن جهڙا آهيو، بيشڪ الله گڏ ڪندڙ آهي منافقن ۽ ڪافرن کي دوزخ ۾

(جي ويهندؤ ته) انهن جهڙا ٿيندؤ، ڇو ته الله منافقن ۽ ڪافرن سڀني کي دوزخ ۾ گڏ ڪندڙ آهي.

جَمِيْعًا ۙ ﴿١٤٠﴾ الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ

سڀني کي. جيڪي انتظار ۾ آهن توهان جي، پوءِ جيڪڏهن ٿيندي توهان کي سوڀ الله جي طرفان

اهي (منافق) اوهان جو انتظار ڪيندا آهن، پوءِ جيڪڏهن الله (جي پار) کان اوهان لاءِ ڪا سوڀ آهي ته چون ٿا

قَالُوْۤا اَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْۤا اَلَمْ

ته چوندا ڇا اسان نه هئاسون توهان سان گڏ، ۽ جيڪڏهن ٿيو ڪافرن جو وارو ته چوندا ڇا

ته (اسين) اوهان سان گڏ نه هئاسون ڇا؟ ۽ جيڪڏهن (سوڀ جو) ڀاڱو ڪافرن جو آهي ته ڪافرن کي چون ٿا

نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَنَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ

اسان آڙ نه ڏني سون توهان کي ۽ بچايو سون توهان کي مسلمانن کان، پوءِ الله فيصلو ڪندو توهان جي وچ ۾

ته اسين اوهان تي غالب نه آهيون ڇا؟ ۽ مؤمنن کان اوهان کي نه بچايوسون ڇا؟ پوءِ الله قيامت جي ڏينهن

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿١٤١﴾ ع

ڏينهن قيامت، ۽ هرگز نه ڪيو آهي الله ڪافرن لاءِ مسلمانن تي ڪو رستو.

اوهان جي وچ ۾ نبيرو ڪندو ۽ الله ڪافرن لاءِ مؤمنن تي (غلبي جي ڪا) واٽ نه ڪندو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْۤا

البت منافق ٺڳي ٿا ڪن الله سان ۽ اهو جزا ڏيندو انهن کي، ۽ جڏهن اٿن ٿا

منافق (پنهنجي پر ۾) الله کي دلبو ڏيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) الله کين دلبو ڏيندڙ آهي ۽ جڏهن نماز ڏانهن

إِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ

نماز تي ته اٿن ٿا ٻري سان ڏيکارين ٿا ماڻهن کي ۽ نه ٿا يادڪن الله کي

اٿندا آهن تڏهن آرسي ٿي اٿندا آهن (رڳو) ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ ٿورڙي کان سواءِ

إِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٤٢﴾ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۖ لَآ إِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَلَآ إِلٰى

مگر ٿورو. لڙڪيل هنن جي وچ ۾ نه هنن جي طرف ۽ نه هُنن

الله کي ياد نه ڪندا آهن. نه هِن ٽوليءَ ڏانهن آهن ۽ نڪي هُن ٽوليءَ ڏانهن آهن. انهيءَ وچ ۾ حيران آهن

هٰٓؤُلَآءِ ۗ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿١٤٣﴾ يٰٓأَيُّهَا

جي طرف، ۽ جنهن کي ڀلائي الله ته هرگز نه لهندين ان لاءِ ڪو رستو. اي

۽ جنهن کي الله ڀلائيندو تنهن لاءِ ڪڏهن واٽ نه لهندين. اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ أَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ

ايمان وارؤ! نه وٺو ڪافرن کي دوست ڪري ڇڏي مسلمانن کي،

اوهين ڪافرن کي مومنن کان سواءِ دوست ڪري نه وٺو، پاڻ تي الله جو

أَتُرِيْدُوْنَ أَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٤٤﴾ إِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ

ڇا گهرو ٿا توهان ته ڪريو الله جو پاڻ تي الزام پڌرو؟ بيشڪ منافق آهن

پڌرو الزام ثابت ڪرڻ گهرندا آهيو ڇا؟. بيشڪ منافق باهه جي هيٺين طبقي ۾ هوندا.

فِى الدَّرْكِ الْأَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ﴿١٤٥﴾ إِلَّا الَّذِيْنَ

طبقي هيٺين ۾ دوزخ جي، ۽ هرگز نه لهندين انهن لاءِ ڪوئي مددگار. مگر جن

۽ انهن جو مددگار ڪوبه نه لهندين، پر جن توبه ڪئي ۽ پاڻ سڌاريو ۽ الله کي چنبڙي ورتو

تَابُوْا وَأَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَأَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَأُولٰٓئِكَ

توبه ڪئي ۽ صالح ٿيا ۽ چنبڙيا الله کي ۽ نجي ڪيائون پنهنجي تابعداري الله لاءِ پوءِ اهي ئي

۽ خالص الله جا حڪم مڃيا سي مومنن سان آهن ۽ الله

مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ وَسَوْفَ يُؤْتِ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٤٦﴾ مَا

گڏ آهن ايمان وارن سان، ۽ جلد ڏيندو الله ايمان وارن کي درجو وڏو. ڇا

مومنن کي وڏو اجر سگهو ڏيندو. جيڪڏهن (سندس نعمتون ڄاڻي) شڪر ڪندو

يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ إِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿١٤٧﴾

ڪندو الله توهان کي عذاب ڏيئي جيڪڏهن توهان شڪر ڪريو ۽ ايمان وارا ٿيو، ۽ آهي الله شڪر قبوليندڙ ڄاڻندڙ.

۽ ايمان آڻيندو ته الله اوهان کي عذاب ڇا لاءِ ڪندو؟ ۽ الله (ته) قدر سڃاڻيندڙ ڄاڻندڙ آهي.

